# مشرق جو درويش
# گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد / منير سولنگي



# مشرق جو درويش
# گوتم ٻڌ

محمد حفيظ سيد

منير سولنگي

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد سنڌ.

2000ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مشرق جو شهزادو گوتم ٻڌ
ليکڪ: محمد حفيظ سيد
سنڌيڪار: منير سولنگي
پهريون ڇاپو: جولاءِ 2000ع
ڪيليگرافي: ايم. اقبال شيخ
ڪمپوزنگ: ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي
آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ
شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر: 784350 فيڪس 782357
قيمت -/50
پنجاه روپيا فقط

سنڌي ساهت گهر ڪتاب نمبر 118

MASHRIQ JO DARVESH GOTAM BHUDH
By: Mohd Hafeez Syed
Translated by: Muneer Solangi
Published by: Naz Sanai
Office No. 18- Second Floor, Shelter
Shopping mall Cantonment, Hyderabad Sind.
Phone: 784350 Fax:782357
Book No. 118- July 2000
Per Copy: Rs: 50/-

# ٻه اکر

مهاتما گوتم ٻڌ جي زندگيءَ تي محمد حفيظ سيد جو هيءُ لکيل شاندار ڪتاب اردوءَ ۾ ١٩٤٢ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو هو. ايڏي طويل عرصي گذرڻ ڪانپوءِ اردوءَ ۾ به ان جو ٻيو ايڊيشن ڇپجي نه سگهيو آهي. مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سندس تعليم ۽ ٻڌ ازم جو سڄي دنيا سان گڏ، اسان جي سنڌ تي به تاريخي طور وڏو اثر رهيو آهي. اجا تائين به اسان پنهنجي عظيم شاعرن ۽ درويشن شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين جي ڪلام ۾ ان جو اثر ڏسي پسي سگهون ٿا.

ٻڌ ڌرم سدائين عبادتن کان وڌيڪ انسان جي ذهني ترقي ۽ عملن جي سڌاري جي پرچار پئي ڪئي. چو ته هو اها ڳالهه وڏي واڪي ڪندا هئا ته دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ کي دائميت ناهي. هن انساني ڏکن ۽ پيڙائن جا نه رڳو ڪارڻ معلوم ڪيا پر انهن جو بهتر علاج به ڏسيو ۽ انساني معاشري کي غلطين کان پاڪ رکڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جستجو ڪئي چو ته انهن انساني غلطين کي ئي، ٻڌ ازم ڏکن جو ڪارڻ ٿي سمجهيو. ٻڌ ازم جا صحيح ۽ سچا پيروڪار شخصي نجات نه پر عالمي نجات لاءِ جاکوڙيندا رهيا. انهن زندگيءَ لاءِ هڪڙا اهڙا اصول طئه ڪيا ۽ اهڙا رستا ڏسيا، جنهن سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جا پيروڪار پيدا ٿيا. سنڌ تي ان جو انتهائي گهڻو اثر رهيو آهي. راجا ڏاهر جي زماني ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو ٻڌ ڌرم جي پوئلڳي ڪندا رهيا. نه رڳو عام ماڻهو پر راجا ڏاهر جو هڪڙو پاءُ پڻ ٻڌ ازم جو ڀڪشو ٿي رهيو.

مهاتما گوتم ٻڌ، هڪڙو عظيم سڌارڪ هو، هندو ڌرم ۾ هن ڪيترائي اهم سڌارا آندا. هو سڄي ڄمار ماڻهن کي ظاهري پاڪيزگيءَ بدران، اندروني پاڪيزگي پيدا ڪرڻ لاءِ درس ڏيندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو ان جي قائم ڪيل بنيادي اُصولن کي اڄ به اهائي اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي. هو انسان ذات جو واقعي وڏو مهاتما هو. ان جي فڪر ۽ زندگيءَ بابت اسان وٽ سنڌيءَ ۾ جڻ مواد آهي ئي ڪونه. شاباس آهي اسان جي دوست منير سولنگيءَ کي، جنهن ان جي شخصيت ۽ فڪر تي اردوءَ ۾ آيل هن پراڻي ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو ترجمو ڪري نه رڳو سنڌي ادب ۾ هڪڙي سٺي ڪتاب جو واڌارو آندو آهي پر مهاتما گوتم ٻڌ بابت پڙهندڙن کي بنيادي معلومات ڏيڻ جي هڪڙي سٺي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو ترجمو به ڪمال جو ترجمو آهي. منونکي يقين آهي ته سنڌيءَ جا پڙهندڙ، ان جي هن چڱي پورهئي کي ڪڏهن به وساري نه سگهندا.

**ناز سنائي**

**21 جون 2000**

**آفيس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ**
**شاپنگ مال، ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.**

# ترتيب


• ٻه اکر 3

• مهاڳ 13

**باب پهريون:** 16

**• گوتم کان اڳ جو هندوستان:**

آريا ڪٿان آيا؟ پاڪ ڪتاب، ويدن جو مذهب، ويدڪ مذهب ۾ ڦير ڦار، ڳهڻ پوڄا، وحدت الوجود ۽ همه اوست جو عقيدو، گوتم جو جنم.

**باب ٻيو:** 26

**• گوتم ٻڌ جي جيون ڪٿا:**

پيدائش، شادي، جنگ جو فن، راهول جو جمڻ، دنيا کي تياڳ، تپسيا، دماغي ولوڙ، ٻڌ ٿيڻ، پرچار جو تت، روزمره جي زندگي، هڪ وڏيڪ اپديش، همسار جو ٻڌ مذهب اختيار ڪرڻ، شدوڌن سان ملاقات، ڪجهه خاص چيلا، پهريان ٽي سال، اٺين کان ويهون سال، ڪجهه خاص واقعا، آخري ٽي مهينا، آخري وعظ، دفن ڪفن.

**باب ٽيون:** 55

ٻڌ جي تعليم، خدا ۽ روح، فلسفو، شين جي جسمي جوڙجڪ، احساس، اڪيلا ۽ گڏيل تصور، سگهه ۽ لاڙو، ونان (خيال ۽ شعور)

● ٻڌ جا روح جي مسئلي تي زباني پرچار: 60
روح جو نہ هجڻ، جوڻ ۽ ڪرم، سڌو رستو، اخلاقي حڪم، والدين ۽ اولاد تي فرض، زال مڙس جا فرض، دوستن ۽ ساٿين جا فرض، مالڪ ۽ نوڪر جا فرض، مذهبي ماڻهن جا فرض.

باب چوٿون: 70
سنگهہ يا فقيرن جي جماعت، شرط ۽ داخلا جو طريقو، ڌم حڪم، راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ، چار وڏيون ڪوششون.

باب پنجون: 81
تبديليون ۽ اضافا، متفق ڳالهين جا نتيجا، اختلافن جي شروعات، گوتم کا ن اڳ جا ٻڌ، گوتم الهويت جي درجي تي، معجزا، ڏاڪٽيا ٻڌ ۽ گوتم، سردي ٻڌ.

باب ڇهون: 88
سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

باب ستون: 94
ٻڌ مذهب جدا جدا ملڪن ۾، لنڪا، برما، تبت، دلائي لاما، چين، جاپان، نيپال، ڪوچين آواز ۽ فارموسا وغيره.

ضميما 104

# تعارف

| | |
|---|---|
| نالو | محمد پريل |
| ذات | سولنگي |
| والد جو نالو | پليڏنو سولنگي |
| جمڻ جو هنڌ | ڳوٺ پليڏنو سولنگي، لڳ ڳاگڙي تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ميرس. |
| ادبي نالو | منير سولنگي |
| ادبي سڃاڻپ | شاعر، نقاد ۽ مترجم |
| ڇپيل تصنيف | هم جنسيت |
| ادبي شروعات | 1956ع کان |
| ادبي استاد | جناب سليم ڳاڙهوي |
| ادبي تنظيم سان واڳيل | سنڌي ادبي سنگت |
| خاص صنف ۾ دلچسپي | غزل، تنقيد ۽ ترجمو |

تنهن کانسواءِ نفسيات، جنسيات، تاريخ ۽ فلسفي تي ڪيئي، طبعزاد ۽ ترجما سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڪوبہ مجموعو سهيڙيل نہ آهي. ڇڙوڇڙ سوين مضمون، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن.

ڪينجهر ايوارڊ محترم ناز سنائي جي رسالي "ڪينجهر" ۾ ترجمي تي 1997 ۾ مليو.



لاهور ميوزم ۾ رکيل ٻڌ جو اصل مجسمو



ٽيڪسيلا ميوزيم ۾ ٻڌ جو رکيل مجسمو



گوتم ٻڌ جي موت جو منظر- وڪٽوريه ۽ البرٽ ميوزيم لنڊن ۾ رکيل





تيڪسيلا مان ملندڙ پڌ جي هڪ تصوير



گوتم ٻڌ جي موت کانپوءِ ان جي رک کي مختلف جاين تي موجود استوپن ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. هن تصوير ۾ جيڪو استوپا ڏيکاريو ويو آهي، هي ٽيڪسيلا ۾ اڃا بہ سِيل نمبر ٩ ۾ ڏسي سگھجي ٿو.



# مهاڳ

جڏهن آريا هندوستان ۾ آيا ۽ سپت سنڌوءَ کي فتح ڪري، پنهنجي آريائي مت لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي ۽ سنڌو، گنگا ۽ جمنا جي ڪنارن تي ويهي، ويدڪ ادب، جي آبياري ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي اچڻ کان اڳ ۾ ڪارن خدائن ۽ رائج پڄڻ کي آريا ويدي مت ۾ شامل ڪيو. ويدڪ مت ۾ ذات پات ۽ اوچ نيچ کي ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيو ويو. برهمڻن جي مڙسي کي ايترو ته مٿي کنيو ويو جو ڀريوءَ تائين پهچڻ جو ڏاڪو به انهيءَ برهمڻ کي سمجهيو ويو. ويدن کي اهڙي زبان ۾ لکيو ويو، جيڪا ديسي ماڻهن لاءِ ڏاري ۽ اجنبي زبان هئي. برهمڻن جي نظر ۾ ٻيون جيڪي ديسي ٻوليون هيون سي جانورن جون ٻوليون هيون.

سنسڪرت ئي اهڙي زبان ڄاتي ويئي جيڪا علم ۽ عرفان واري زبان هئي. اهڙي طرح برهمڻن پنهنجي مذهب جا بنياد ڏاڍ، جبر ۽ جانبداريءَ تي رکيا. اوچ نيچ ۽ ذات پات جي چڪر. ديسي ماڻهن جو منيون منجهائي ڇڏيون. نيچ ذات واري ماڻهوءَ يعني شودر کي ته ويدن پڙهڻ، ويدن ٻڌڻ ۽ ڇهڻ جو ڪو به اڌيڪار نه هيو. تنهن ڪري اهو فطري امر هيو ته انهيءَ عمل جو ردعمل پيدا ٿئي. انهيءَ رد عمل ۾ ڪپل وستوءَ جو هڪ شهزادو سڌارت يا گوتم شامل ٿي ويو. هن بادشاهيءَ کي، مايا کي پنهنجي زال يشوڌرا کي (چينيءَ ٻڌ تي زالون لکن ٿا) ۽ پٽ راهل کي ۽ محل کي الوداع چئي، انهيءَ ڪربناڪ سمنڊ جي گهراين تائين پهچڻ لاءِ وشال پرٿويءَ تي قدم رکيو. هن تيزيءَ سان گيان ۽ ڌيان جون منزلون طئه ڪري نرواڻ جو نعرو هنيو ۽ ٻڌمت مقبوليت جون منزلون تڪڙيون تڪڙيون اڪرڻ لڳو.

ٻڌمت جي مقبوليت جو وڏو سبب هي به هيو ته هن مذهب ڪنهن به مت جي خلاف نفرت نه پکيڙي، ليڪن ان مت مان سٺا سٺا اصول چونڊي پنهنجي مت ۾ شامل ڪيا. هن ڪنهن به مذهب کي گهٽ نه ڄاتو ته انهيءَ جي نتيجي ۾ ٻئي ڪنهن به مذهب ٻڌ مذهب کي خراب نه سڏيو. گوتم جي سنگهه ۾ شودر، ڪوري، موچي ۽ مينگهواڙ به اچي شامل ٿيا. ذات پات جو چڪر سختيءَ سان ختم ڪيو ويو. گوتم ميل ميلاپ پائيپي، پريم ۽ شانتيءَ جي فضا قائم ڪئي. هن مت ۾ ڪنشڪ ۽ اشوڪ جهڙا شهنشاه به شامل ٿي ويا.

هن وقت ٻڌمت جا پوئلڳ دنيا ۾ تمام ٿورا آهن پر پوءِ بہ ٻڌمت لاءِ
ڪنهن وٽ بہ تعصب ۽ نفرت نہ آهي. گوتم کي اڄ انهن هستين ۾ شمار
ڪيو وڃي ٿو، جن انسانيت کي دين ۽ ڌرم سمجهي خدا جي مخلوق آڏو
پريم شروع ڪيو. هن مهان هستيءَ جو درس پوري انسان ذات لاءِ هڪجهڙو
هيو. هن هر انسان کي پنهنجي آزادي، پاڻ وٽڻ جو درس ڏنو.

هيءُ عظيم انسان عقيدت ۽ وڏاءُ جي اونده ۾ ائين گم ٿي ويو آهي
جو هن جو اصل ۽ حقيقي روپ صاف نظر نٿو اچي. هن جي بازي ۾ سندس
همعصر ماڻهن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي اهو هن وقت دستياب نہ آهي.
گوتم جي وصال کان ٽي سو سال پوءِ سندس تي لکيل مواد جام ملي ٿو.
توڙي جو تاريخي اعتبار کان هن جو ڳچ حصو معتبر نٿو سمجهيو وڃي.

گهڻو تڻو مواد "تري پٽڪ" (ٽن ٽوڪرين) ۾ ملي ٿو. انگريزيءَ ۾
گوتم تي اٽڪل پنج هزار ڪتاب لکجي چڪا آهن، پر انهن جو بنياد آهي
تري پٽڪ آهن، تري پٽڪ مان هر هڪ ٽوڪريءَ ۾ ڪيئي ڪتاب
اچي وڃن ٿا.

مان جناب ڊاڪٽرمحمد حفيظ سيد جي اردو ڪتاب گوتم، جو
ترجمو پڙهندڙ دوستن آڏو عرض رکيو آهي.ترجمي ڪرڻ ۾ مان ڪيترو
ڪامياب ويو آهيان، اهو ڪاٿو مان نٿو لڳائي سگهان. اهو اندازو پڙهندڙ
ڪي صحيح نموني سان لڳائي سگهن ٿا.

12-4-2000 منير سولنگي

پير جو ڳوٺ ڪنگرڙي

باب پهريون

# گوتم کان اڳ جو هندستان

اسان جو هي هندوستان هڪ وڏي کنڊ جي حيثيت رکي ٿو، هي تمام وشال ۽ زرخيز آهي ۽ جدا جدا قومن جي رهڻ جي جڳهه آهي. هن جا اصلي رهاڪو ڪير هئا، انهيءَ جي ڪابه سنڌ ڪانهي. ليڪن آريا نسل جي ماڻهن جي اچڻ کان اڳ ۾، هتي دراوڙي نسل جا ماڻهو رهندا هئا. هي اڻ سڌريل ۽ جهنگلي نه هئا پر هنن وٽ پنهنجي ساهت ۽ زبان هئي.

هلنڊڙ وقت جي کوجنا ۽ جاکوڙ اهڙا نشان ڳولهي لڌا آهن جن مان هي ڳالهه ثابت ٿي آهي ته دراوڙ سڌريل ۽ شهري زندگي گذاريندا هئا ۽ ڪيترين اهڙين صنعتن کان واقف هئا، جيڪي اڄ ڪلهه مشيني دور ۾ اچرج جهڙيون پا سن ٿيون.

## آريا ڪٿان آيا؟

انهن دراوڙن کي ڏکڻ طرف ڌڪيندي اتر اولهه کان اها قوم آئي جيڪا پاڻ کي آريا، ڪوٺرائي ٿي ۽ جنهن جي نسل مان هجڻ وارو هندستاني آبادي جو وڏو حصو دعويٰ ڪندڙ آهي. هي ماڻهو ڪٿان آيا ۽ ڪهڙي سمي ۾ آيا؟ انهيءَ باري ۾ تاريخ جي ڄاڻن ۾ اختلاف آهي. يعني اهي "ناروي" "سوئيڊن" ۽ "ڊنمارڪ" کان آيا ۽ اولهه جي اڪثر ملڪن ۾ پکڙندا "ڪوهه ڪاف" تائين وڃي پهتا. پوءِ ايران ۾ واهيرو ڪندي، هندستان تائين اچي پهتا. ڪجهه تاريخ جا ڄاڻو چون ٿا ته انهن جو جنم، هنڌ وچ ايشيا آهي ۽ اهي اتان ئي يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيا. ڪجهه ملائڪ صفت تاريخ دان اهڙا به آهن جيڪي لنڪا (سري لنڪا) کي حضرت آدم جو

جنم هنڌ بنائي انساني نسل جيّ شروعات اتان کان ڪن ٿا ۽ آرين کي هندوستان مان ٿيندي وچ ايشيا تائين وٺي وڃن ٿا ۽ پوءِ پنهنجيءَ پهرينءَ منزل ڏانهن موٽائي اچن ٿا.

تمام سچ ڪوجنا هي ٻڌائي ٿي ته انهن جو جنم، هنڌ اهو زمين جو ڀاڱو آهي، جنهن کي اڄ ڪلهه (بوهيميا) ۽ (آسٽريا) چون ٿا ۽ انهن جي دعويٰ آهي ته (آريا) هتان کان يورپ ۽ ايشيا ۾ پکڙيا. انهن سڀني تاريخدانن جي ثبوت ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا آهن انهن جي تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نه آهي. هن ڳالهه تي سڀئي متفق آهن ته آريا اتر اولهه جي طرف کان آيا ۽ اٽڪل ٽن هزارن سالن قبل مسيح تائين ايندا رهيا. هيءَ به مڃيل ڳالهه آهي ته هڪ ڀيرو نه آيا پر سوين سالن تائين جدا جدا ٽولن ۾ ۽ جٿن ۾ ايندا رهيا. جيئن جيئن آباديءَ ۾ واڌ ٿيندي ويئي يا نون، نون ملڪن ۾ رهڻ جي ضرورت اڏو آئي ته اهي اتر هند ۾ اوير طرف برابر وڌندا رهيا. ايستائين جو (پنجاب) يو- پي ۽ بهار جا اولهه وارا حصا انهن جي رهڻ جا هنڌ بڻجي ويا ۽ "آريا ورت" جي نالي سان سڏجڻ لڳا.

# پاڪ ڪتاب:

انهيءَ زماني جي حالتن جي اگر ڄاڻ ملي سگهي ته آرين جي انهن پاڪ ڪتابن مان ملي سگهي ٿي جن کي "ويد" چيو وڃي ٿو.

(الف):- ويد چار آهن (١) رگ ويد (٢) يجر ويد (٣) سام ويد (۴) اٿر ويد.

انهن جي قديم زبان سنسڪرت آهي، جيڪا هاڻوڪي سنسڪرت کان نرالي آهي. هندن جو خيال آهي ته "ويد" آسماني ڪتاب آهن ۽ اهي پيدائش جي منڍ ۾، جنهن کي اوٽويهه ڪروڙ، پنجونجاه لک اناسي هزار پنج سو چوئيتاليهه سال ٿيا جو پرميشنر جي خاص ٻانهن جي وسيلي اسان تائين پهچايا ويا. ويد گهڻو حصو نظم ۾ آهن ۽ انهن جا شعر، منتر، چيا وڃن ٿا. انهن منترن جي ڳتڪي کي "سنتا" يا "سنگهيتا" چون ٿا. سڀني منترن جو ڪوبه "ارٿ" هٿ اچي نه سگهيو آهي. جنهن جي ڪري انهن جي مطلب جي باري ۾ سنسڪرت جي ڄاڻن ۾ وڏا اختلاف آهن. پوءِ به ويدن کان پوءِ سڀ کان پراڻن ڪتابن ۾ "ارٿ" جو هڪ اهڙو سلسلو موجود آهي، جنهن ۾ منترن جي معنيٰ ۽ استعمال جو موقعو ٻڌايو ويو آهي. اهڙين سمجهاڻين جي سلسلي کي (برهمڻ) چون ٿا.

اهڙي طرح رگ ويد جي باري ۾ به برهمڻ (ارٿ) موجود آهن.

(آتيتري) ۽ (ڪوشيڪي)، يجرويد جا ٻه تفسير "شت پٿ" ۽ "تيتري" آهن. "سام ويد" جا ٽي ارڻ آهن "تانديا" "سدويش" ۽ "چاندوگيا" جڏهن ته اتر ويد جي باري ۾ ڪوبه برهمڻ ڪونهي.

(ب):- ويدن ۽ برهمڻن کان سواءِ ڏهه ٻيا "پوترپشڪ" آهن جن کي "اپنشد" چون ٿا. انهن جا نالا هي آهن. "ڪين" "هرشن" "سندڪ" ماندوڪيا" "اپش" "ايتري" "چاندوگيا" "تيتري، "برهدار" "نيڪ" اپنشد جي لفظي آهي "ڳجهه" يعني اپنشد اهو خدائي ڳجهه آهن جن کي سمجهڻ سان انهيءَ ذات جل جلاله جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

(ج):- انهي کان سواءِ ويدي ساهت ۾ "اپ ويد" به شامل آهن، اهي چار آهن. (١) ڌرويد يعني لڙائيءَ جو فن (٢) گاندرو ويد يعني موسيقيءَ جو علم (٣) ارٿ ويد يعني صنعت ۽ ڪاريگري (۴) آيورويد يعني علم طب.

(د):- انهي ويدي ساهت کي حاصل ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هينئين علمن جو ڄاڻ ضروري آهي. انهن علمن کي "اِنگ ويد" چون ٿا.

(١) سڪشا يعني علم قرات (٢) چند يعني علم عروض (٣) ويا ڪرڻ صرف ونحور گراس (۴) نيروڪت- لغت ۽ لفظن جي سمجهاڻي (۵) جيوتش = ستارن جو علم (٦)ڪلپ يا ڌرم شاستر= مذهبي حڪم.

انهن ڪتابن کي ڏسڻ ڪانپوءِ جيڪي ڳالهيون اصولي حوالي سان ظاهر ٿين ٿيون اهي آهن:

## ويدن جو مذهب:

هي ماڻهو تمام گهڻا مذهبي هيا ليڪن شهريت جي حقن جو ڪوبه خيال نه ڪندا هئا. غير آرين جو قتل هنن جي نظر ۾ ڪوئي ڏوهه نه هيو. سوپارو، مات ڪاڌل انسان تي پنهنجي مالڪي جمائي ڪوبه ڪم وٺي سگهندو هو. اهي جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل هئا ۽ قبيلا ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. غريبيءَ ۽ اميريءَ جو خاص فرق نه هيو، يعني نه ڪو گهڻو امير هيو ۽ نه وري گهڻو غريب هيو. اهي مختلف ديوتائن تي وبساه رکنداهئا. انهن جو عقيدو هيو ته سمورا قدرتي نظارا انهن ديوتائن جو اظهار آهن.

مثلاً: اگني (باه) اندر (مينهن) ورن (هوا) وغيره.

انهيءَ کان سواءِ سڀ کان اعليٰ ۽ اتم هڪ ذات کي به مڃيندا هئا، جنهن کي "برهما" چوندا هئا.

"آريا سماج" ۽ "سناتن" ڌرم ۾ اختلاف آهي، آيا هي جيڪي ديوتائن جا جدا جدا نالا ورتا وياآهن اهي "برهما" جي رڳي صفت آهن يا

ننڍن ننڍن قبيلن ۾ ورهايل هئا ۽ ڳوٺن ۾ رهندا هئا. انهن جي سياسي زندگيءَ ۾ بہ سواءِ بزرگ خاندان جي رعايا پرجا جي ڪا بہ ڄاڻ نہ هئي. جنگي نظمن جي زماني ۾ شهر وسي چڪا هئا. اٽٽي ويهٽي، ڪاڏو پيتو پوشاڪ ۽ معاش جي سادگي گم ٿي چڪي هئي.

راجا ۽ پرجا جو فرق ظاهر هيو. راجا جي مرڻ کان پوءِ راڄ پرجا جو نہ سمجهيو ويندو هو، پر راجا جي وارثن جو سمجهيو ويندو هو. هو پنهنجو پونير خود چونڊڻ لڳو هو ۽ ان وٽ ويڙهاڪ سپاهين جي فوج رهڻ لڳي هئي.

مذهبي حيثيت سان بہ بقول لالا لجپت راءِ "ويدن جي ايشور پوڄا تي ديوتا پرستيءَ جي قلعي چڙهي چڪي هئي. ويدڪ ديوتائن جي جاءِ تي وشنو ۽ شيو، وڌيڪ هر دلعزيز ٿي چڪا هئا ۽ يگن يا جڳن جو سلسلو بہ تمام ڳوڙهو ٿي چڪو هيو. "رامائڻ ۾" مهاراج رام چندر جي، ڪي ۽ "مهاڀارت" ۾ سري ڪرشن، ڪي وشنوءَ جو اوتار چيو ويو آهي. هي اوتارن وارو خيال بہ ويدڪ ويچار نہ آهي.

انهن روحاني ٽولن سان گڏوگڏ ڪجهہ فلسفي بہ هيا، جيڪي خدا جا قائل نہ هئا ۽ روح ۽ مادي کي ازلي ۽ ابدي مڃيندا هئا. انهيءَ ٽولي مان اڳتي هلي "جين ڌرم" بڻيو.

انهن جدا جدا نظرين جو هي نتيجو هيو جو گوتم ٻڌ جي جنم وقت رڳو (آريا ورت) انساني جيوت جي باري ۾ نظريا هلندڙ هيا. تنهن ڪري "ويگ" ۽ "مجهم نڪايا" ۾ جيڪي گوتم ٻڌ جا مڪالما ڏنا ويا آهن،انهن ۾ انهن نظرين جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هر هڪ کي ڪوڙو ڪري ثابت ڪيو ويو آهي تہ "ٻڌ" جيڪو نظريو انهن ڪمن جي باري ۾ پيش ڪيتو آهي، اهوئي صحيح آهي، انهن جو وچور اختصار سان گڏ هن ريت آهي.

## ا کان ۴۰- ششت داد:

اهي ماڻهو جيڪي ٽن نمونن سان "ڌيان" جي وسيلي يا منطقي دليلن جي ڪري ويساه رکن ٿا تہ دنيا جا ظاهري ۽ انفرادي روح غير فاني آهن.

## ۵ کان ۸ ستيڪا:

اهي ماڻهو جيڪي چئن طريقن سان انهيءَ تي ويساه ڪندا آهن تہ ڪجهہ روح فاني آهن ۽ ڪجهہ روح غير فاني آهن.

(الف) اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ تي يقين رکندا آهن تہ خدا ازلي ۽

ابدي آهي، مگر انفرادي روح ائين نہ آهن.

(ب) اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ تي وسهاه ڪندا آهن تہ سڀ ديوتا ازلي ۽ ابدي آهن مگر انفرادي ائين نہ آهن.

(ج) اهي ماڻهوجيڪي اهو يقين رکن ٿا تہ "سرير" جون شڪليون فاني آهن، مگر ڪا اهڙي شيءَ آهي جنهن "دل ، دماغ يا شعور چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ازلي ۽ ابدي آهي.

### ٨ کان ١٢: انت نيتڪا:

اهي ماڻهو جيڪي محدود ۽ لامحدود جي باري ۾ منطقي بحث ڪندا آهن.

(الف) اهي جيڪي دنيا کي محدود سمجهن ٿا.

(ب) اهي جيڪي دنيا کي وشال سمجهن ٿا.

(ج) اهي جيڪي دنيا کي ٻنهي نمونن سان مڃين ٿا.

(د) اهي جيڪي دنيا کي ڪجهہ بہ ڪري نٿا مڃين.

### ١٣ کان ١٦: امرد ڪبپڪا:

اهي ماڻهو جيڪي نيڪي ۽ بديءَجي باري ۾ گول مول ڳالهيون انهيءَ ڪري ڪن ٿا جو اهي ڊڄن ٿا.

(الف) ڪٿي ائين نہ ٿئي جو صاف صاف ڳالهين ڪرڻ ۾ انهن کي ڪو ڇيهو رسي.

(ب) اهي ڊڄن ٿا تہ ڪٿي انهن شين سان لڳاءُ نہ پيدا ٿئي ۽ پوءِ ڪا تڪليف پهچي.

(د) يا انهيءَ ڪري مڃين ٿا تہ انهن جا ذهن نڪر آهن ۽ اهي بيوقوف آهن.

(ج) اهي ڊڄن ٿا تہ ڪٿي ڪو سنو نظارو انهن کي موهي نہ وجهي.

### ١٧ کان ١٨: اوڌڪ سمپشتيڪا:

اهڙا ماڻهو جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ شيءَ جو اصل، بنان ڪنهن علت جي بہ سمجهي سگهجي ٿو.

### ١٩ کان ٥٠: اوڌم رڪتڪا:

اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ ڳالهہ تي وسهاه رکن ٿا تہ روح مستقبل ۾ موجود رهندي.

(الف) سورهن قسمن جا نظريا آهن، جيڪي انهيءَ جا دعويدار

آهن تہ موت کان پوءِ هڪ شعوريٰ وجود رهندو.
(ب) اٺن قسمن جا اهڙا نظريا آهن جن ۾ هڪ غير شعوري وجود دعويٰ ڪئي وئي آهي.
(ج) اٺن قسمن جا اهڙا نظريا آهن جن ۾ هن قسم جي وجود جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جيڪو شعوري ۽ غير شعوري نظريي جي وچ ۾ هجي.

### ٥١ کان ٥٧ تائين- اڇيدواد:

اهي ماڻهو آهن جيڪي هي ٻڌائن ٿا تہ ستن قسمن مان ڪنهن هڪ قسم جو روح آهي، مگر مرڻ کان پوءِ بالڪل فنا ٿي وڃي ٿي. اهي ماڻهو ابدي فنا جا پوئلڳ آهن

### ٥٨ کان ٦٢ تائين- ذت دهم سنيان واد:

هي اهي ماڻهو آهن جيڪي اها دعويٰ ڪن ٿا تہ روح آهي ۽ هن دنيا ۾ ڪهڙي بہ هنڌ آهي، پوري خوشي هيٺين طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿي،
(الف) پنجن حواسن جي پوري فائدي ۽ لذت سان.
(ب) هڪ جاکوڙي ڌيان جي وسيلي (پهريون جهان يا ڌيان)
(ج) ڪنهن هڪ ڪري ذهني لذت حاصل ڪرڻ جي وسيلي جنهن ۾ جاکوڙ ۽ کوجنا جو جوڙ نہ هجي (ٻيو جهان يا ڌيان)
(د) هڪ زهني آسودگيءَ جي وسيلي جنهن ۾ نہ خوشي هجي نہ پيڙا هجي ۽ نہ جاکوڙ. (ٽيون ڌيان)
(و) هڪ اهڙي آسودگي جنهن پوترتائي جو احساس گڏ هجي. (چوٿون جهان يا ڌيان)

هيءَ وچور توڙي جو ڊگهي آهي. مگر ٿوري ڌيان ڏيڻ سان هي ظاهر ٿي ويندو تہ انهيءَ ڪي رڳويتاڙ نتوچئي سگهجي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ آريا! آسٽريا ۽ هنگري کان هلي ڪري ايشيا ۾ اچي پهتا. اتان، ايران، افغانستان ۽ ڪشمير کي پار ڪري هندوستان ۾ پهتا. جتي خود اڳ ۾ هڪ سڌريل قوم موجود هئي. اهي جيئن، جيئن اڳتي وڌندا پئي ويا تہ انهن کي نون، نون خيالن ۽ نون، نون نظرين سان واسطو پئي پيو، ايستائين جو جڏهن اهي بنگال جي سرحد تائين اوير ۾ ۽ همالي جي هنج ۾ اتر تائين پهتا تہ انهن کي يانت يانت جي مابعد الطبيعاتي ۽ اخلاقي مونجهارن جي باري ۾ انيڪ نظريا ملندا پئي ويا ۽ اهي هر قسم جي نظرين کي پنهنجي فلسفي ۾ جاءِ ڏيندا پئي ويا.

انهيءَ ڪري گوتم ٻڌ جيڪي روح جي باري ۾ نظريا بيان ڪيا

آهن، اهي سڀ انهيءَ وقت موجود هئا. اڄ جي جديد تعليم سان سينگاريل ماڻهن جي آسانيءَ واسطي انهن سڀني نظرين جو تت اڄ ڪلھ جي اصطلاح ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو.

## :Animism-1

اهڙو جتو جيڪو روح جو قائل هيو ۽ ان جو چوڻ هو تہ بي جان شين ۾ بہ روح آهي. انهيءَ سبب جي ڪري بت پرستي،ستاره پرستي اگني پوڄا وغيره چالو ٿي ۽ اهي ئي ماڻهو جن ڀوتن، ديوي ۽ ديوتائن وغيره جا قائل هئا.

## گهڻ پوڄا :Polytheism-2

اهڙو جتو جيڪو قدرت جي نظارن ۾ روح ڪي مڃيندو هو. (جهڙي طرح ويدن ۾ ديوتائن جي باري ۾ مڃيوويجي ٿو) يا جيڪو هڪ ڪان وڌيڪ جو قائل هو.

## :Pantheism-3

### وحدت الوجود ۽ همه اوست جو عقيدو

اهڙو جتو علت العلل جو قائل هيو ۽ انهيءَ ڳالھ کي مڃيندو هو تہ سڀ انهيءَ جا مظاهر آهن. ويدانيت فلسفو، تصوف وانگر هن نظريي تي ٻڌل آهي.

## :Dualism-4

اهو جتو جيڪو روح ۽ مادي کي آ مستقل جوهر ڪري مڃيندو هو. (جهڙي طرح جين مذهب وارا) انهن سان گڏ اهي ماڻهو بہ هئا جن کي اسان "مارئين" "لذتئين" چئي سگهون ٿا. انهن سڀني ۾ جيڪا گڏيل ڳالھ هئي اها هيءَ هئي تہ جسم ۽ مادي کان جدا روح ڪا شيءَ ضرور آهي. انهيءَ روح جي پوري آنند ۽ خوشيءَ جي واسطي انيڪ طريقا ٻڌايا پئي ويا. ڪو "هون" تي زور ڏيندو هو، ڪو قربانيءَ تي، ڪو بتن جي پوڄا تي، ڪو ٻچڙي روح ڪيپرچاڻ تي ۽ڪوڏيان ۽ گيان تي زور ڏيندو هو ۽ ڪو وري جسم کي طرح طرح جا آزار ڏيڻ تي زور ڏيندو هو ۽ ڪو وري آپگهات تي زور ڏيندو هو.

## گوتم جو جنم:

گوتم ٻڌ جي جمڻ جي وقت جو ماحول هي هيو ته ماٺهو ويدن جي ڪتابن کي آسماني ڪتاب ڪري مڃيندا هئا. سنسڪرت کي ديوتائي زبان ڪري مڃيندا هئا. منوءَ جي قانون مطابق عوام کي ان جي حاصل ڪرڻ جي اجازت نه هئي. روز مرهه جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين زبان ڳالهائي ويندي هئي. جنهن کي پراڪرت چوندا هئا.

پراڪرت ٻولين هر هڪ صوبي جون جدا جدا هيون. بهار ۽ همالي جي گود ۾ "پالي" زبان جو رواج هيو. مذهب ۾ رسمن تي زور ڏنو ويندو هو. "پينت، هون، ۽ يگ جي گهٽائي هئي. پيڙهيءَ جي پوترتائي جي خيال ۾ زور هيو. ذات پات جو چڪر تمام گهڻو هيو. ڏنڏا خانداني تي وياهئا. ڌرمي اڳواڻن، "برهمڻ" جو لقب حاصل ڪري پاڻ کي آخرت جي چوٽڪاري جو اڪيلو مالڪ ۽ ٺيڪيدار ڪري مڄرايو هو "راهب" "جوڳي" "ساڌو" "رشي" جهنگلن ۽ ٽڪرن ۾ رهڻ لڳا هئا. "روح" ۾ ويساهه عام هيو. "جوڻ" جو هر شخص قائل هيو. ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ ۾ اجا به سادگي هئي. پوکون گهڻو ڪري گڏيل هيون. مگرشهرن ۾ تڪلف ۽ هٺرادو ڍنگ هيو. ملڪ مختلف حصن ۾ ورهايل هو. ننڍا، ننڍا راجا هئا جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. ۽ هڪ وڏي سلطنت جي جوڙڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا. رعيت ۽ راجا فرق صاف ظاهر هيو. عوام جن ۾ وئيش، ٻشودر، شريڪ هيا. اهي پاڻ کي لاچار سمجهندا هئا. اهڙين حالتن ۾ گوتم ٻڌ اخلاقي تعليم جو هڪ اهڙو روشن موقعو پيش ڪيو. جنهن سان قدامت پسنديءَ جي نظر ۾ "خير" جو رخ ظاهر ٿيو. هندوستاني زندگيءَ ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي ويو ۽ ملڪ ۾ هڪجهڙائيءَ ۽ پائريءَ جي لهر ڇانجي وئي.

## حوالا

(١) تاريخ فرشته:

(٢) مغربي تاريخدان انهيءَ دعويٰ کي نٿا مڃين ۽ اهي مختلف دليلن سان ويدن جو دور قائم ڪن ٿا. هي ماٺهو "رگ ويد" کي سڀ کان جهونو ڪتاب ڪري مڃين ٿا ۽ انهيءَ جو زمانو حضرت عيسيٰ کان اڳ ٽي هزار سال اڳ جو ٻڌائن ٿا. اهي اهو چون ٿا ته ويدن جا جدا جدا حصا مختلف دورن ۾ ٻڌايا ۽ لکيا ويا آهن.

(٣) ويدي ساهت جي باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، اهو لالا لجپت راءِ جي "تاريخ هند" حصي پهرين تي ٻڌل آهي.
(٤) رائس ڊيوڊس
(٥) لالا لجپت راءِ
(٦) ڪمن جي لحاظ کان اهڙي نموني جي ورڇ، "رگ ويد" جي هن منتر ۾ موجود آهي. جنهن جو ترجمو هي آهي:
"برهمڻ هن جو (لاشعور جو) وات آهي ڪتري، ٻانهون ويئش ٽنگون، ۽ شودر، پير" مگر انهيءَ مان اهو نٿو مڃي سگهجي ته ذات پات جون پابنديون انهيءَ وقت کان ئي مڙهيل هيون. اهي پابنديون خاص طور سان "منو شاستر" کان پوءِ ئي وڌيون آهن.
(٧) رامائڻ ۽ پارت -
(٨) جين مذهب جو اصلي باني پارس ناٿ، هيو جيڪو اٺين صدي ق.م ۾ پيدا ٿيو. مگر ان جي خاص جوڙ جڪ مهاوير وردهمان ڪئي. هي ٥٩٩ - ق م ۾ پيدا ٿيو ۽ ڊبالي، جي حاڪمن جي نسل مان هيو. ۽ ٥٧٢ ق. م ۾ مري ويو. "جين" مادي ۽ روح، ٻنهي کي ازلي ۽ ابدي ڪري مڃين ٿا ۽ خدا جي "موجود بالذات" هجڻ جا قائل نه آهن. هي چوويهن تيرٿنڪن (هادي) يا رهبرن جا قائل آهن. انهن ۾ مهاوير آخري، تير ٿنڪر هيو. هن جا ٻه فرقا آهن. ڊيگمبر ۽ سوتمبر. ڊيگمبر، اگهاڙا رهندا آهن ۽ سوتمبر اڇيءَ چادر سان پنهنجي جسم کي ڍڪيندا آهن. هنن جي خيال ۾ "اهنسا، سچ ڳالهائڻ، چوري نه ڪرڻ، پرم پوجا ڪي چڏڻ، ۽ پوتر جيون گذارڻ سان سوڪش (چوتڪارو) حاصل ٿئي ٿو. اهي "آپگهات" کي سڀ کان سٺو موت سمجهن ٿا. پنهنجي جسم کي تسيو ۽ آزار ڏيڻ هنن آڏو عمدو ڪم آهي. "جين" لفظ "جن"-مان نهيو آهي. مهاوير کي جن جو درجو حاصل آهي ۽ انهيءَ ڪري سندس پوئلڳ "جيني" چورائڻ لڳا.
(٩) رائس ڊيوڊس، آمريڪي تقريرون، ٻڌ جو مذهب، ان جي تاريخ ۽ ان جو ادب ص ٣١ - ٣٣.

واسطو نہ آهي. غم، ڪمزوري، بيماري ۽ موت اهي فنا جا ڏاڪا اهن، جيستائين پرشت اڇائون (ناپاڪ خواهشون) باقي آهن تہ حرص، ڳٽتي ۽ سڌ جو واسطو ضرور رهندو، يعني ڳٽتي ۽ ڪمزوري نصيب ۾ هوندي. تن ڪي تسيا ڏيئي سڌن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش خطرناڪ آهي،ڇو تہ انهيءَ ڪوشش ۾ جيڪڏهن جيون پورو ٿي ويو تہ موت ڏکوئيندڙ هوندو ۽ ٻيءَ جوڻ کان ڇوٽڪارو نہ ملندو.

جيڪا انساني شيءَ مادي دنيا سان واسطو رکي ٿي اها دل جي برائي آهي. جيستائين دل ۾ رتيءَ برابر بہ بدي آهي تہ دنيا کان ناتو ڇڄي نہ سگهندو، دل جي برائيءَ سان گڏ نيڪ ڪرم فائدي وارا نہ ٿيندا. ڇو تہ نيڪيءَ جو بدلو تہ ملندو، مگر بديءَ جي جزا ۾ پيهر موت ۽ حياتيءَ جي مصيبت سهڻي پوندي ۽ انهيءَ جنم ۾ پتو ناهي تہ نيڪيءَ جي سگهہ حاصل ٿئي يا نہ ٿئي انهيءَ ڪري تن کي تسئي ڏيڻ بنان سڌن کي پري ڪري ۽ دل جي سمورن عيبن کي ڌوئي صاف ڪرڻ نرواڻ جي لاءِ ضروري آهي. هرهڪ سڌ کي مارڻ ضروري آهي، عدم وجود جي خواهش بہ ايتري خطرناڪ آهي جيتري وجود جي، تنهن ڪري نيڪ ويساهہ،نيڪ نيت، نيڪ قول، نيڪ ڪم، نيڪ زندگي، نيڪ ڪوشش، نيڪ خيال ۽ نيڪ مراقبي سان نرواڻ حاصل ڪرڻ گهرجي، يعني سمورا لڱ بي حس ڪيا وڃن ۽ زندگي موت وانگر بڻائي وڃي.

مٿين انن نيڪين کي عمل ۾ آڻڻ ۽ نرواڻ جي ڪناري تائين پهچڻ لاءِ چار ڏاڪا آهن پهريون ڏاڪو دل جي جاڳ آهي، يعني خوشي ۽ پيڙا جي ڳجهہ لهڻ جي طلب.

جڏهن حق جي ڳولا ۾ ڪامل گروءَ تائين پهچ حاصل ٿي تہ هي درجو طئہ ٿي ويو. ٻيو ڏاڪو ناپاڪ ڪامنا کي ترڪ ڪرڻ ۽ بدلي وٺڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏڻ آهي. جڏهن انهيءَ عهد تي ثابت قدم ٿيو تہ ٻيو ڏاڪو بہ پار ٿيو. ٽيون ڏاڪو، ٽيون ڏاڪو جهالت، شڪ ۽ ڪاوڙ، حرص ۽ ساڙ ۽ سيني ٻڇڙاين کي ختم ڪرڻ آهي. جڏهن انهن خامينڪان صاف ٿيو تہ دل جي پٽي صاف ٿي ويئي ۽ ٽيون درجو بہ حاصل ٿي ويو. آخري ڏاڪو عشق ۽ محبت جو سينو آساڙ جي مٿان ڇنٽو آهي.جهڙي طرح ماءُ پنهنجي جند خطري ۾ وجهي پنهنجي لاڏلي ٻچي جي سنڀال ڪري ٿي. اهڙيءَ ڇوٽڪاري جي طالب کي هر ساهہ واري جي مٿان پنهنجي جند کي گهورڻ لاءِ تيار هجڻ کپي. جنهن ويريءَ کي پهريائين ڏسڻ گهرجي، اهي نفسياني سڌون آهن ۽ آخري جاڪوڙ ٻره ۽ پريم جو سمهندي جاڳندي ڌيان رکڻ آهي. تہ ڪنهن بليدان جي ضرورت آهي ۽ نہ ڪنهن ٻائي جي سهائما جي ضرورت آهي. هر انسان جو ڇوٽڪارو خود ان جي هٿن ۾ آهي.

حصو گذري ويندو هو. جڏهن گوتم سيني کي مطمئن ڪندو هو ته چيلا هليا ويندا هئا ۽ پوءِ رات جو باقي حصو ڪمري کان ٻاهر گهمي گذاريندو هو ۽ آخري حصي ۾ سڪون ۽ آرام لاءِ ليٽي پوندو هو. جيئن ئي باک ڦٽڻ شروع ٿيندي هئي ته هو ڪٽ تي اٿي ويهندو هو ۽ پنهنجي ذهن ۾ ساري پرٿويءَ جي ماڻهن جو تصور آڻيندو هو ۽ سيني ماڻهن جي انهن سڌن تي ويچار ڪندو هو جيڪي گذريل جنم ۾ انهن جون هيون ۽ اهو سوچيندو هوته هو ڪهڙي نموني سان انهن جي آسن کي پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو.

گوتم جي سچائيءَ ۽ پرچار جو هي اثر ٿيو جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ شهر کان سواءِ ان جهنگل ۾ چيلن جو تعداد سٺ تائين پهچي ويو، گوتم هڪ ڏينهن سيني کي گڏ ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته سواءِ هڪ "شش" جي جيڪو امير گهراڻي جو ياتي هيو ۽ پڇي آيو هو) سمورا، چيلا ٻين هنڌن تي وڃي هن نئين ڌرم جو پرچار ڪن ظاهر ۾ اهو ٿو ڀانئجي ته انهيءَ حڪم کان پوءِ گوتم خود "گيا" ڏانهن موٽي ويو. انهيءَ ڪري جو جنهن ڪرامت جو ذڪر ملي ٿو اها "گيا". جي ويجهو اراول جي جهنگل ۾ ظاهر ٿي هئي. انهيءَ جهنگل ۾ "سينا" نالي سان ڳوٺ هيو، جتي ٽي ڀائر علم ۽ ڄاڻ جي ڪري مشهور هئا ۽ باه جا پوڄاري، هئا. گوتم انهن کان "آتشڪدي" جي جاءِ ۾ هڪ رات رهڻ جي اجازت گهري، مگر ڪشپ، جيڪو انهن ڀائرن ۾ سيني کان وڏو هيو. انهيءَ کي اها ڳالهه نه وڻي. ان چيو ته ٻاهر- گهر، جي پرسان هڪ زهريلو نانگ رهي ٿو، جيڪو رات جو ٻاهر نڪرندو آهي ۽ سٺل ماڻهن کي ڏنگيندو آهي. مهاتما گوتم تي عشق حقيقيءَ جو زهر چڙهيل هيو اهو نانگ کان ڪٿي ڀيو ڊڄي ۽ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو ۽ ڪشپ کي مسافر مهمان کي اجازت ڏيڻي پئي. رات ٿي ته نانگ پنهنجي نيم تي ٻاهر نڪتو مگر گوتم ٻڌ کي ڪجهه نه چيائين جڏهن صبح ٿيو ته گوتم زنده سلامت رهيو ته سندس انهيءَ ڪرامت جو هل مچي ويو، انهيءَ ڏينهن اتفاق سان ڳوٺ ۾ وڏو ميلو لڳڻ وارو هيو.

جنهن ۾ پاڙي اوڙي جا ياتري ايندا هئا ۽ "ڪشپ" جي ڪٽا ٻڌندا هئا. هاڻي هن کي ڊپ ٿي وينو ته جيڪڏهن ميڙ گوتم کي ڏٺو ته .باه - پوڄا" جي بازار ٿڌي ٿي ويندي. مگر مهمان کي گهر مان ٻاهر ڏڪڻ ايترو اخلاقي ڏوهه هيو جو هو انهيءَ جو ڏوهي ٿيڻ نه پيو گهري. مهاتما کي انهيءَ خطري جي خبر پئجي ويئي ۽ هوبنان سڌ ڏيڻ جي انهيءَ ڏينهن ڳوٺ کان ٻاهر هليو ويو. ۽ ميلي ۾ نه ويو. جڏهن شام جو واپس آيو ته "ڪشپ" ڪائونس پڇيو ته ڏينهن جو هو ڪاڏي ويو هو؟ گوتم جواب ڏنو ته تنهنجي فڪر کي دور ڪرڻ لاءِ روپوش ٿي ويو هوس. "ڪشپ" گوتم جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي پوري ٽولي سميت ان تي ايمان آندائين:

## هڪ وڏيڪ اپديش:

هتي رهڻ دوران گوتم هڪ ڏينهن پنهنجن شاگردن سان گڏ وينو هو ته سامهون هڪ ٽڪري تي باهه پڙڪي. گوتم انهيءَ باهه کي وشئه بنائي هڪ وڏو وعظ ڪيو جيڪو "پتڪ" ۾ "روت پري پائي سوت" ۾ موجود آهي انهيءَ جو "تت" هي آهي ته گوتم فرمايو ته "جينستائين ماڻهن ۾ جهالت رهندي، انهيءَ وقت تائين اهڙيءَ طرح باهه ۾ سڙندا رهندا. هيءَ اها باهه آهي جيڪا انسان جي اندر ۾ لڳل آهي ۽ جنهن کي ٻاهريون شيون اندر ۾ ڀڙڪائن ٿيون. اهي ٻاهريون شيون پنجن "اندرين" جي وسيلي ۽ دل جي ذريعي اثر ڪن ٿيون.

مثلاً اک مشاهرو ڪري ٿي ۽ انهيءَ سان هڪ نموني جي "حس" پيدا ٿئي ٿي. جنهن سان دک يا سک محسوس ٿيندو آهي. هي ڏک يا خوشي، شهوت، ڪاوڙ، جهالت، جنم، سوچ، سستيءَ ۽ اجل جي باهه ڀڙڪائن ٿا. اها ئي حالت انهن سڀنيّ احساسن جي آهي جيڪي ٻئي حواس جي وسيلي پيدا ٿين ٿا. مگر اهي ماڻهو جيڪي "ٻڌ، جي "نفسي ضبط" جي اصول تي هلندڙ آهن، يعني جيڪي "سڌي رستي" جو چارئي چاڙهيون پار ڪري چڪا آهن جنهن جي شروعات "پوترتا" سان ٿيندي آهي ۽ پڄاڻي پريم تي ٿيندي آهي ته انهن ۾ عقل اچي ويندو آهي، ٻاهريان احساس اندروني باهه کي نه ڀڙڪائي سگهندا آهن. انهيءَ ڪري جو انهن وٽ ڪام وغيره جي باهه ئي ڪانه هوندي آهي. سچا شاگرد اهڙي طرح نه وسامندڙ باه مان جان آجي ڪندا آهن، جيڪا ٻيڄڙائي جي پاڙ آهي. اها ڏاهپ جيڪا انهن حاصل ڪئي آهي، انهن کي هڪ ته هڪ ڏينهن اوچ تيءَ پهچائيندي. اهي انهيءَ گوندر کان به آجا آهن جيڪا "ٻي جوڻ" جو نتيجو هوندي آهي، ۽ هن جنم ۾ ئي انهن کي قوم قرباني ۽ ٻين ٽڪسازن جي رهنمائيءَ جي ضرورت ئي نه رهندي آهي. ڇو ته انهن جي ذات انهن سڀني شين کان مٿاهين ٿي ويندي آهي.

## همسار جو ٻڌ مذهب اختيار ڪرڻ:

هتان ٻڌ پنهنجي ٽنين چيلي "ڪشپ" سان گڏجي "راڄ ڳڙهه" ويو. هي اهوئي هنڌ آهي، جتان ٻارهن سال اڳ ۾ گوتم گهر کان ڀڄي حق جي ڳولها ۾ اچي نڪتو هو. هي شهر "مگڌ" راڄ جي گاديءَ جو هنڌ هيو

۽ "همسار" هنسان جو راجا هيو. هي بادشاه پنهنجي دٻدٻي جي ڪري مشهور هيو. جڏهن هن ٻڌو ته "ڪشپ" ۽ "گوتم" ٻئي اچي رهيا آهن ته هو انهن جي آجيان لاءِ نڪري پيو ۽ سمورو شهر انهن "رشين" جي درشن لاءِ اٿلي پيو.

عام طرح اهوئي خيال هيو ته گوتم ٻه "باهه جو پوڄاري" ٿي ويو آهي ۽ هاڻي هو "ڪشپ" جو چيلو آهي،مگر جڏهن سياڻو شاگرد گوتم جي اڳيان بندگيءَ لاءِ نوڙيو ته راج ڳڙه وارا اچرج ۾ پئجي ويا. راجا وڏي ڌام ڌوم سان انهن ساڌن جي دعوت ڪئي ۽ ويلوانا نالي جو بانس جو باغ انهن جي رهڻ لاءِ وقف ڪيو. انهيءَ تاريخي باغ ۾ گوتم ڪيتريون ئي برساتون گذاريون ۽ اهو نيم مقرر ڪيو ته هو گرمين ۽ سردين ۾ ٻين ملڪن جو دورو ڪندو هو ۽ برسات جي مند ۾ انهيءَ باغ ۾ رهندوهو. پري پري کان چيلا هتي ايندا هئا ۽ پوتر ڌرم تي ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا. پهريئن برسات کان پوءِ ڪپل وستوءَ کان ٻه ماڻهو آيا ۽ پاڻ سان گڏ شدوڌن جو سندس ٻه آندائون ته پوڙهي پيءُ کي مرڻ کان اڳ ۾ هڪ جهلڪ ڏيکاري وڃ."

## شدوڌن سان ملاقات:

ماتا پتا جو چيو مڃڻ نيڪ انسانن تي فرض آهي. گوتم تڪڙي تيار ڪئي. چيلن جو وڏو ڏڻ هن سان گڏ هليو ۽ هي قافلو منزل منزل طالبن کي هدايت جو فيض ڏيندو ۽ ڪپل وستوءَ جي ويجهو پهتو. سالن کان پوءِ هماليه جبل جو دامن، نيپال جي ڊوري، پر فضا ماڻهربون ۽ راج محل جو حسين نظارو اکين آڏو آيو ته مهاتما جي دل مٿان ڇا گذريو؟ انهيءَ جي ڪيفيت اهوئي ٻڌائي سگهي ٿو جيڪو انڌلڻ جي رنگن جي صحيح تصوير ڪڍي سگهي ٿو. وطن جا ڪنڊا پرديس جي گلاب کان بهتر ۽ ڪنعان جي گدائي مصر جي بادشاهيءَ وڏيڪ وڻندڙ ٻڌائي وڃي ٿي، مگر مهاتما پنهنجي جوڙيل اصول کي انهيءَ موقعي کي ٻه هٿان نه ڇڏيو. شهر ۾ داخل ٿيڻ بدران وستيءَ کان ٿورو پريرو هڪ باغ ۾ ڊاٻو ڪيائين ۽ انهيءَ جاءِ تي رات گذاريائين. ٻئي ڏينهن پنڻ وارو پيالو هٿ ۾ ڪئي خير وٺڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ وک رکيائين. هن جو نيم هيو ته فقيرن جي هيءَ ٽولي اميرن کان خيرات نه وٺندي هئي. پر غريبن جي درن تي ٻه مانت ڪيو بيٺي. هوندي هئي ۽ زبان سان خيرات نه گهرندي هئي. جيڪڏهن ڪجهه مليو ته وٺبو هو نه ته اڳتي هلي پوندي هئي. انهيءَ رسم جي پابندي ڪرڻ لاءِ ڪپل وستوءَ ۾ ٻه راج محل کي ڇڏي، غريبن جي جهڳين طرف پنڻ هلي.

راجا کي خبر پئي تہ هو حڪومت جو دٻدٻو وساري بيقراريءَ وچان پٽ وٽ پهتو ۽ ڏوراپو ڏنائينس تہ رعيت کان خيرات گهري پيءُ جي منهن تي ڪارنهن ملڻ مناسب نہ هيو. گوتم جواب ڏنو تہ ”مهاراج! توهان ۽ توهان جي گهر جا ياتي سلطنت سان واسطو رکن ٿا ۽ راجائن جو اولاد آهن مان پراڻي وقت جي رشين ۽ ڏاهن جو وارث آهيان. توهان کي محلن ۾ رهڻ سونهي ٿو مگر مون لاءِ اهوئي نيڪ آهي جيڪو اڳيان نبي ۽ رسول هميشہ کان ڪندا آيا آهن. راجا ئي نعمتن سان منهنجو ڪهڙو واسطو. منهنجو موروثي پيشو تہ پني ڪري کائڻ آهي“ پيءُ اهو منطق نہ مڃيو ۽ زوريءَ ڇڪي پٽ کي شاهي محل ۾ وٺي ويو. گوتم گهر ۾ قدم رکيو تہ چوڏاري مٽن مائٽن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو ۽ سارو قلعو انهيءَ ڪمري ۾ اندر هليو آيو. جنهن ۾ مهاتما پنهنجا چرن گهمايا هئا.

درشن لاءِ ۽ ڇڳيلائي پڇڻ لاءِ سڀ ماڻهو اندر آيا ليڪن گوندر گاڏئين يشوڌرا، پنهنجي جاءِ تان نہ چري. اها قيامت جي رات هئي جو نهايت خوشيءَ جي ڏينهن ۾ هن جي مٿان مصيبت جي ڇپ اچي ڪڙڪي.

چو تہ هن جو ساهہ کان وڌيڪ پيارو پتار بنا ڪنهن قصور جي، ڪنهن طرف هليو ويو: اها رات هن کي اڄ ڏينهن تائين ياد هئي. جنهن وقت چنا رٿ ڪاهيندڙ راجڪمار جي جوڳ اختيار ڪرڻ جي خبر ٻڌائي تہ دنيا جو سک ۽ آرام هن جو ختم ٿي ويو. هار سينگار ڦٽي ڪيائين ويراڳڻين وانگر زمين تي سمهندي هئي ۽ جوڳياڻين وانگر ڪفن اوڙهيندي هئي ۽ رنن زالن وانگر گره ڳٽي ڳٽي ڪري کائيندي هئي. گلاب جا گل ڪومائجي ويا. سون ٿامون ٻڌجي ويو ۽ رنگ لوهائجي ويو. اڄ پنهنجو پرايو راج ڪمار جي درشن لاءِ ڊڪندو آيو مگر درد ۽ وڇوڙي جي ماريل ”يشوڌرا“ پنهنجي ڪمري ۾ ڪنڊ جهڪايو مات ۾ ويٺي رهي ۽ بيقرار دل کي هيئن سمجهائيندي رهي ”پران پتيءَ جوانيءَ جي وقت مونکي ڇڏي ڏنو تہ هاڻي ٻارهن تيرهن ورهين کان پوءِ پنهنجي قتل صورت ڏيکاري ڪري ان جي آڏو ذليل ٿيڻ ڇا ضروري آهي.“

مهاتما کي يشوڌرا ياد اچي ويئي ۽ مائٽن جي ميڙ ۾ ان جون بيتاب نظرون ڪنهن کي ڳولهڻ لڳيون. جڏهن هوءَ ڪٿي بہ نظر آئي تہ مهاتما پڇيو تہ ”يشوڌرا جيئري آهي؟ جواب مليو جيئري تہ آهي پر مئلن کان بہ پري آهي. دل تي چوٽ لڳي ۽ حال پڇڻ لاءِ هو پاڻ ان جي ڪمري ۾ ويو. سر ۽ سان جو مالڪ اکين آڏو اچي ويو. يشوڌرا بيوس ٿي قدمن تي ڪري پيئي ۽ مڙس جي پيرن تي نيڻ رکي ”هنجون“ هارڻ لڳي ۽ پوءِ هي سوچي ڪري تہ وَر جوڳي آهي ۽ ان کي عورت جو جسم ڇهڻ جائز نہ آهي. پوئتي هٽي ۽ جدا ٿي بيٺي. گوتم کي ڏاڍو دک رسيو مگر هو مجبور هيو. سواءِ دلجاءِ

ڏيڻ جي هن وٽ ٻي ڪا واهه ڪانه هئي. بره جي ستايل يشوڌرا وينتي ڪئي ته مونکي به چيلن جي جٿي ۾ شامل ڪيو وڃي، مگر هي عرض قبول نه پيو ۽ حڪم ٿيو ته فقيرن جي منڊليءَ ۾ عورت کي گڏ رهائڻ خطرناڪ آهي.

بره جي ڪنل وني نراس ٿي ويئي ۽ مهاتما محل مان موڪلائي نڪتو. ٻئي ڏينهن تي گوتم جي ماتيلي ڀاءُ جي شادي هئي. راڳ روپ جي محفل منل هئي ته مهاتما انهيءَ مجلس ۾ اچي پهتو ۽ خبرناهي ته هن نند ۾ ڪن ۾ ڇا چيو جو هن شاديءَ جو وڳو لاهي ڪستو هٿ ۾ ڪٽي نگروده باغ ڏانهن هليو ويو، جيڪو انهن جوڳين جي رهڻ جو هنڌ هيو. هاٿي نيم اهو ٿي ويو جو مهاتما روزانو پوڄن جي لاءِ قلعي ۾ ايندو هو ۽ خاص محل ڪان پريرو چيلن سان گڏ پوڄن واپرائيندو هو ۽ پوءِ پنهنجي رهڻ واري هنڌ ڏانهن واپس ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب ڪاڏو ڪائي رهيو هو ته درسن جي پياسي يشوڌرا پري ڪان پنهنجي سواميءَ جي زيارت ڪري رهي هئي ته پوءِ ان جو پٽ راهول آڏو آيو، ماءُ پنهنجي پٽ کي سنيا ۽ کيس چيائين ته "تون پيءُ وٽ وڃي پنهنجي ميراث جي دعويٰ ڪر" راهول جڏهن ڪجهه ڪلاڪن جو هيو ته سندس پيءُ محل ڇڏيو هو. ڏاڏي پالنا ڪئي ۽ هو انهيءَ کي ئي پيءُ سمجهندو هيو، ماءُ اشاري سان پٽ کي ٻڌايو ته تنهنجو پيءُ هو بيوفا جوڳي آهي، جيڪو سامهون فقيرن جي منڊليءَ ۾ سج وانگر چمڪي رهيو آهي. (٢٠)

معصوم ڇوڪرو خوشيءَ مان پيءُ وٽ ويو ۽ مهاتما کي وينتي ڪيائين ته مان تنهنجو پٽ آهيان ۽ پنهنجي ميراٿ وٺڻ آيو آهيان. گوتم هن کي هوريان دعا ڪئي مگر سوال جو جواب نه ڏنائين، راهول ميراث، ميراث ڪندو ٻي سان گڏجي پيو. "نگردوه" باغ ۾ پهتا ته راهول کي ميراث ملي ويئي، يعني کيس "سنگهه" ۾ شريڪ ڪيو ويو.

راجا "شڌوڌن" جو نابالغ پوٽو به جوڳي ٿجي ويو ته راجا کي صدمو رسيو. مگر ڪير ٽٽن مان نڪري چڪو هو. جيڪو واپس وڃڻ ناممڪن هو. البته گوتم ڪان اهو واعدو ورتو ويو ته اڳتي ڪو به ڇوڪرو پنهنجي والدين جي اجازت ڪان سواءِ "جوڳ" ۾ داخل نه ڪيو ويندو. گوتم انهيءَ شرط کي سچي عمر نڀايو، پوءِ هو ڪپل وستو مان راڄ ڳڙه روانو ٿي ويو. سوانح نگار لکن ٿا ته مهاتما کي ارڙهن مهينا گذري چڪا هئا.

پٽ "راهول" کي اهي نصيحتون ڪيائين جيڪي "مهارهل سوت" جي نالي سان مشهور آهن.

### تيرهون سال:

گوتم چاليا ۾ مينهوڳي گذاري ۽ پوءِ واپس سراوستي موٽي آيو.

## چوڏهون سال:

سراوتيءَ جي جتاون وهار ۾ راهُل کي باقاعدي ڀڪشو بنايو ۽ وعظ ڪيو-جيڪو "راهُل سوت چرتر" چيو وڃي ٿو. انهيءَ واقعي-کان پوءِ هو ڪپل وستو هليو ويو.

## پندرهون سال:

هيءَ برسات جي مند هُن نگر وڌ ۾ گذاري، هتي گوتم پنهنجي ويڳي ياءُ کي پنهنجا ويچار ٻڌايا جيڪو ان وقت سندس ڀيءُ جي جاءِ تي ساڳيا راج جو راجا هو. ان جو نالو مهانام هيو ۽ اهو گوتم جي پيروڪارن مان هيو. ڪوليءَ جي راجا، سپرا ٻڌ، يشودهرا، جي ڀيءُ ڪلئي عام پنهنجي ڌيءَ يشوڌرا جي چڏي ڏيڻ تي ٻڌ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ته زمين ڦاٽي پئي ۽ هوانهيءَ ۾ پيهي ويو. گوتم اتان سڌو جتاون وهارا واپس هليو آيو ۽ اتي هن پرچار ڪيو ته ڌرم تي هلڻ پنڻ کان بهتر آهي.

### سورهون سال:

هو هتان "الادي" ويو ۽ هڪ اهڙي ديو (٢٦) کي "ٻڌ" بنايائين جيڪو ٻارن کي کائيندو هو.

### سترهون سال:

ٻڌ مينهوڳيءَ جي مند راج ڳڙهه ۾ گذاري، هتي هن هڪ فاحشه عورت "سرسٿيءَ" جي مرڻ تي وعظ ڪيو. پوءِ اتان سراد ستي مان ٿيندو "الادي" هليو ويو. اتي هن، هن مسئلي تي زور ڏنو تہ جيستائين ڪوبہ انسان هڪ بکئي ماڻهوءَ کي ڍؤ تي ماني نہ کارائيندو تہ مان ان کي پنهنجو وعظ نہ ٻڌائيندس. (٢٧) .

### ارڙهون سال:

هن مينهوڳي چاليہ ۾ گذاري. اتي هن هڪ ڪوريءَ کي دلجاءِ ڏني، جنهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي ماري وڌو هو ۽ پوءِ هو وري راج ڳڙهہ هليو ويو.

### اڻويهون سال:

ٻڌ ديودنا وهار ۾ مينهوڳي گذارڻ کانپوءِ مگڌ راڄ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پرچار ڪندو ڦرندو رهيو ۽ پوءِ سرادستيءَ هليو ويو.

### ويهون سال:

ٻڌ برسات اتي گذاري: "آنند" ڪپان پن جو پيالو وني گڏ هلڻ لاءِ چيو ۽ چاليہ ۾ وچي ڪري هڪ ڏاڙيل رنگوليءَ سان مليو ۽ پنهنجي منڙي زبان سان هن کي اهڙو تہ موهيو جو هو بہ "ٻڌ" ٻڻجي ويو.

## ڪجهہ خاص واقعا:

انهيءَ کانپوءِ ڪو اهڙو خاص واقعو نٿو ملي، جنهن ڪري سال سال جا غير اهم واقعا نٿا ڏيئي سگهجن: ليڪن ڪجهہ اهم واقعن جو ذڪر ضروري آهي. تنهن ڪري انهن کي نمبروار لکيو وڃي ٿو. پر ائين نہ سمجهيو وڃي تہ اهي واقعا نمبر وار ٿي ٿيا آهن. انهن مان ڪجهہ پڪ سان اهڙا آهن جيڪي انهيءَ زماني ۾ ٿيا ۽ ڪجهہ بعد ۾ ٿيا. ڪنهن بہ تاريخي ثابتيءَ نہ ملڻ ڪري ڪائي ترتيب نٿي ڏني وڃي. بس ايترو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ مٿي بيان ڪيل واقعن کان سواءِ هي واقعا اهڙا آهن جن سان هن مذهب تي ۽ ان جي پيروي ڪندڙن تي اثر ضرور پيو آهي. اهي واقعات هيٺين طرح آهن.

(١) سرادستي، ۾ هڪ مالدار عورت "ويسياڪا" نالي "ٻڌ" ٻڌجي وئي ۽ هن "سنگهہ" لاءِ هڪ باغ وقف ڪيو ۽ اتي هڪ وهار، جوڙايو. جيڪو "پوبارام" (پوربي باغ) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهيءَ "وهار" ۽ باغ کان ٻڌ مذهب کي شروعات ۾ تمام گهڻي هٿي ملي. پر

پوءِ اهڙي قسم جي باغن بکشن کي آرام پسند بنائي ڇڏيو.

(٢) گوتم جو عزيز "ڪوسمپيءُ" جي ماٿهن کان ڪاوڙجي راج ڳڙهه هليو ويو. اتي بمسار جي پٽ "اجات سترو" انهيءَ کري باغ لڳرايو جو هو ان ۾ رهڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گوتم جڏهن معمولي دوري تي آيو ته "ديوت" خواهش ڏيکاري ته ڪيس هڪ نئون سنگهه پنهنجي هٿ هيٺ قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. "ٻُڌ" اها گهر نامنظور ڪئي. "ديودت" انهيءَ تي ڪاوڙجي "ٻڌ" جي سنگهه کان جدا ٿي ويو.

انهيءَ زماني ۾ هن "اجات سترو" کي اهڙي طرح ڀڙڪايو جو ان پنهنجي پيءُ راجا بمسار کي مارائي وڌو. انهيءَ سلسلي ۾ انهن ماٿهن جي سازش سان ٽي دفعا گوتم کي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، مگر جنهن کي الله رکي تنهن کي ڪير چکي. اهي ماٿهو نراس رهجي ويا. تڏهن ديوت، گوتم جي آڏو سنگهه، جي لاءِ هينيان شرط پيش ڪيا:

(١) بکشو ڪليل هنڌن تي رهن ۽ شهرن جي ويجهو نه وڃن.

(٢) ٻين جاچوڙيل ۽ ڦاٽل ڪپڙا پائن.

(٣) هميشه در، در ڀني ڪاڌو ڪيائين ۽ اهڙو ڪاڌو قبول نه ڪن جيڪو انهن جي رهائشگاهه تي پهچايو وڃي.

(٤) گوشت جي ڀاڄي انهن لاءِ قطعي ممنوع آهي. اها نه ڪائين.

گوتم جواب ڏنو ته اهڙي قسم جو ڪوبه سخت قانون هرويرو ۽ بنا سبب جي نٿو بنائي سگهجي. جيڪڏهن بکشيو پاڻ مرادو انهن ڳالهين جي پابندي ڪن ته سٺو آهي. نه ته شريعت جي طرفان اهڙي سختي ڪري نٿي سگهجي.

گوشت هجي يا ٻي ڪا ڪاڌي جي شيءَ، بکشوءَ کي ڪائڻ جي اجازت آهي، جيڪا انهيءَ ملڪ جي حصي ۾ عام طرح ڪاڌي وڃي ٿي. رڳو ايترو شرط آهي ته ڪنهن شيءَ کي لذت حاصل ڪرڻ خاطر نه ڪاڌو وڃي. ان چيو ته:

"وڻ هينان، گهر جي اندر، گهر کان ٻاهر، چوڙيل ڪپڙن ۾ ۽ ٻين جي ڏنل ڪپڙن ۾، ۽ ٻين جي ڏنل ڪپڙن ۾، گوشت کائڻ وقت، گوشت ڪائڻ بنان، به صاف ۽ پاڪ رهڻ ضروري آهي ۽ شريعت جي پابندي ڪرڻ به لازمي آهي"

هڪڙي نموني جو قانون بنائڻ، انهن ماٿهن جي رستي ۾ رنڊڪ پيدا ڪرڻ آهي، جيڪي "نرواڻ" حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. منهنجو مقصد هي آهي ته مان ماٿهن کي نرواڻ جو رستو ٻڌايان. (٢٩) ديودت انهيءَ تي ڪاوڙجي هليو ويو ۽ ان "اجات سترو" جي مدد سان هڪ نئون "سنگهه" قائم ڪيو. مگر ديوت گهڻا ڏينهن جيئرو رهي نه سگهيو. انهيءَ جي مرڻ ڪانپوءِ

ڪرائي رهيو هو. اهوئي قلعو اڳتي هلي ”مگڌ“ جي بادشاهن جي گاديءَ جو هنڌ پاٽلي پتر، بڻيو.

گوتم اتان امبا پاليءَ ويو اتان جي مشهور ”وئشا“ هن کي دعوت ڏني، وجهن روسا، کي انهيءَ جو وهم ۽ گمان به نه هو ته ڪو گوتم ٻڌ انهيءَ ناپاڪ عورت جو نجس کاڌو کائيندو. تنهن ڪري يارن خوب ٺوڪبازي ڪئي. انهيءَ تي وئشا دلشڪسته ٿي ۽ خاموش ٿي روئڻ لڳي. اوچتو ٻڌان جي گهر اچي نڪتو ۽ ان بنان ڪنهن عذر جي کاڌو کاڌو..

نتيجو اهو نڪتو ته رنڊي انهيءَ وقت توبه تائب ٿي ۽ سنگهه ۾ شامل ٿي وئي. گوتم اتان پيلوگا، تائين ويو ۽ مينهوڳي جي مند اتي گذاريائين. انهيءَ هنڌ تي هو ايترو ته عليل ٿي پيو جو هو پنهنجي حياتيءَ مان مايوس ٿي ويو ۽ هن چوڻ شروع ڪيو ته هاڻي هو گهڻا ڏينهن جيئرو رهي نه سگهندو. مگر مينهوڳي ختم ٿيندي ئي هو انهيءَ حالت ۾ ٻاهر نڪري پيو ۽ مختلف ڳوٺن ۾ وعظ ڪندو ۽ ڀڪشن کي ميڙيندو ۽ انهن کي ٻڌي ۽ ايڪي ۽ پاڪائي جي نصيحت ڪندو ڪوسي نگر ڏانهن هلي پيو ۽ اهو هنڌ هن وقت ڪسيا، ٺالي سان سڏيو وڃي ٿو. گورکپور ضلعي ۾ تعلقي جو صدر مقام آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي ”ملا“ قوم جو راڄ هيو ان قوم جي هڪ شاخ جي گاديءَ جو هنڌ ڪوسي نگر ۽ ٻيءَ شاخ جو پاوا هيو.

انهيءَ هنڌ تي گوتم پنج سو ڀڪشن سان اچي پهتو ۽ چندا سوناري جي باغ ۾ اچي ٽڪيو. هتان جي رئيسن هڪ نئون سنت نگر يا پبلڪ هال جوڙايو هو. انهن جي عرض تي گوتم پنهنجي مبارڪ هٿن سان، انهيءَ جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ اثرائتو پرچار ڪيو، ٻئي ڏينهن تي ”چندا“ دعوت ڪئي ۽ ڀڪشن کي چانور ۽ ڪينتي جي ڀاڄي کارائي. (٣٣)

کاڌو کائي ٿوري جهٽ لاءِ گوتم آرام ڪيو ۽ ٽپهريءَ جو ڪوسي نگر (ڪسيا) ڏانهن روانو ٿيو. ٿورو ئي اڳتي وڌيو ته سندس پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳا ۽ پيچش جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. پرسان ”ڪوڪشتا“ ندي وهي رهي هئي، اتي ترسي پيو ”ننڊا“ کان پاڻي گهرائي پيتائين ۽ سنان ڪيائين. انهيءَ ڏينهن شام جو ڏاڍي تڪليف سان ڪوسي نگر ٻاهر هڪ باغ ۾ پهتو. گوتم جو اهوئي آخري آرام گاهه هيو.

ڪوڪشتا نديءَ جي ڪنڌي تي ئي پاڪ باطن گوتم هي جاٽيورتو ته هو هاڻي گهڙي سوا جو مهمان آهي. بار بار کيس اهو خيال ستائي رهيو هو ته ڪٿي ويچاري چندا کي دوشي قرار نه ڏين ته هن ئي گوتم کي اهڙي شيءَ کارائي آهي جو ان جو سر هليو ويو. انهيءَ ڪري گوتم خاص طور پنهنجي پياري چيلي ”آنند“ کي چيو ” چندا“ کي چئه ته هو ايندڙ جوڻ ۾ وڏا انعام حاصل ڪندو. ڇو ته مان انهيءَ جي کاڌي کائڻ سان هن دنيا مان

وجي رهيو آهيان." ۽ انهيءَ کي وڏيڪ چئجانءِ ته تو هيءَ ڳالهه منهنجي زبان مان ٻڌي آهي ۽ هديا سڀ کان وڏيڪ متبرڪ سمجهيا ويندا. هڪ سجاتا جو تحفو جو مونکي ٻوڌي وڻ جي هيٺيان ٻڌ. ٽيڻ کان پهريائين مليو ۽ ٻيو "چندا" جو هي تحفو جيڪو مون کي مرڻ کان اڳ ۾ مليو.

ان کان پوءِ گوتم آنند کي دفن ڪفن جي باري ۾ حڪم ڏنا ۽ ان کي ٻڌ مذهب جي شريعت جي باري ۾ آخري هدايتون ڏنيون. تڏهن وجي آنند کي پڪ ٿي ته شفيق گروءَ جو واقعي ئي آخري وقت آهي ته هو زار زار روئڻ لڳو. گوتم هن هينئن تسلي ڏني ته "آنند! گهبراءِ نه، روج راڙونه ڪر، چا مان توکي اهو نه ٻڌايو ته اسان سڀني کي انهن شين کان جدا ٿيڻو پوندو، جن سان اسان پيار ڪيون ٿا. يا جن مان اسان کي خوشي حاصل ٿيندي آهي؟ ڪابه شيءَ توڙي جو ڪنهن به نموني سان پيدا ٿي آهي يا نهي آهي هن زوال کي روڪي نٿي سگهي، جيڪو ان جي جوڙجڪ ۾ شامل آهي، آنند! تون پنهنجي نيڪ ڪردار، سچن قولن ۽ خيالن سبب منهنجي تمام ويجهو رهيو آهين ۽ تون هميشه ڪامياب رهيو آهين. صبر کان ڪم وٺ ۽ تون به زندگيءَ جي اج ۽ جهالت جي زنجير کان بالڪل ڇوٽڪارو حاصل ڪندين.

انهيءَ نصيحت کان پوءِ چيلن جي آڏو گوتم آنند جي وڏائي بيان ڪئي ۽ تاڪيد ڪيو ته اهي هميشه ان جو احترام ۽ قدر ڪندا رهن.

## آخري وعظ:

رات جي وقت سويدار، ٻانيڻ ڪجهه سوال ڪرڻ آيو. گوتم ان وقت بيهوشيءَ واري حالت ۾ هيو. آنند ان کي جهليو مگر ٻڌ، آواز ٻڌو ۽ اکيون کوليائين ۽ ٻانيڻ کي پير ۾ ويهاري سندس خواهش پڇائين. هو ڪجهه مابعد الطبيعاتي مسئلن تي سوالن جا جواب جاڻڻ ٿي گهريا. ٻڌ چيو ته مون ۾ اينتري طاقت ڪانهي جو تنهنجي سوالن جا جواب ڏيان. البته پنهنجو مسلڪ سمجهائي سگهان ٿو" ۽ انهيءَ هالاٿي واري وقت ۾ هن پنهنجا اصول نهايت خوبيءَ سان سمجهايا جو سويدر ايمان آندو ۽ ٻڌ ٻڌجي ويو. پوءِ گوتم ڀڪشن کي ويجهو سڏي نصيحتون ڪندو رهيو ۽ هدايتون ڏيندو رهيو. ان جا آخري لفظ هي هئا:

ڀڪشو! مان توهان کي پوريءَ طاقت سان چوان ٿو ته هر مرڪب شيءَ ۾ زوال پزيري خلقي طور موجود آهي. توهان پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ ڪوشش ڪندا رهو، اهو چئي هو بيهوش ٿي ويو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ ئي دنيا مان موڪلائي ويو. هي واقعو ۴۸۸ ق.م ۾ پيش آيو. (۳۴)

## دفن ڪفن:

چيلن ۾ گھڻيءَ دير تائين انهيءَ ڳالهہ تي بحث ٿيندو رهيو تہ دفن ڪفن ڪهڙي عنوان سان انجام ڏنو وڃي، آخرڪار آنند،جو فيصلو مڃيو ويو ۽ لاش کي وڏي شان سان بيند ٻاجن سان مڪتا بنڌن، جي مندر ۾ کڻي ويا ۽ ان کي چڪرورتي راجائن وانگر ساڙيو ويو ۽ "چتاءَ کي ڪيوڙي ۽ گلاب جي پاڻيءَ سان وِسايو ويو. انهن پوءِ هڏين کي ڪنو ڪري مخث ڪسيا جي سنت گھرو ۾ آندو. ڪيترن راجائن انهيءَ مقدس يادگار ۾ حصو گھريو. مگر اهي پاڪ هڏيون فقط پاوا جي راجائن ۽ ڪوسي نگالا ۾ ورهايون ويون. جن عاليشان گنبذ پنهنجي پنهنجي حصي جي هڏين تي جوڙايا، انهن مان هڪ گنبذ حال ۾ ئي ڪسيا، جي ويجهو لڌو ويو آهي ۽ پٿر جو ڪتبو بہ مليو اهي. جنهن مان ثابت ٿيو تہ "ڪسيا" ئي قديم زماني جو ڪوسي نگلا (ڪوسي نگر) آهي. مگر پاوا جي باري ۾ کوجنا هن وقت تائين اڌوري آهي.

## حوالا

١- اڄ ڪالهہ سرهاندي ڪونجي ٿي.
٢- ڪجهہ مورخن جو خيال آهي تہ ساڪيا، جولفظ "شڪ" مان نڪتو آهي ۽ اهڙي طرح هي قبيلو شاڪ قوم وانگر مغل هو، مگر ڪل مورخن کي انهيءَ سان اختلاف آهي ۽ اهي هن سڪيا قبيلي کي جنهن ۾ گوتم پيدا ٿيو آريا ئي مڃين ٿا.
٣- ان جو نالو مهايا هو. هن کي ٻڌن ۾ اهائي عظمت حاصل آهي، جيڪا عيسائي مذهب ۾ حضرت مريم کي آهي.
٤- هن وقت هي هنڌ "رامنديئي" نالي سان سڏجي ٿو. هي نيپال جي رياست ۾ آهي ۽ بيلن ۾ واقع آهي. هن جي ويجهوجيڪا ندي آهي،انهيءَ کي "تيل" درياءَ ٿا ڪوٺن،اهونالو پراڻن مذهبي ڪتابن ۾ بہ آهي. (ڏسو ضميمونمبر ٣)
٥- ٻڌ ۽ ان جو مت، مترجم شيونرائڻ شميم ۾ ٦٢٤ ق.م ڏنل آهي. مگر جيڪڏهن اشوڪ جي تاج پوشيءَ سان حساب لڳايو وڃي تہ اهو ٥٦٥ ق.م ۾ پيدا ٿيو. ڏسو ص ٤١ وفات جي سن جي تحقيق.
٦- مغربي مورخن هن قصي کي بن سببن جي ڪري غلط قرار ڏنو آهي.

هڪ ته هي ته دکني روايتون هن کي شاديءَ کان پوءِ جو واقعو ٻڌائن ٿيون ۽ ڏاکڻيون روايتون شاديءَ کان پهريائين جو. پيو هي ته انهيءَ مقابلي جو احوال تمام وڏائي لکيو ويو آهي، ليڪن انصاف پسندي هن مقابلي کي سچو سمجهي ٿي.
مبالغ آميز واقعن کي ڪڍي ڪري پوءِ ڏسبو ته هي ممکن آهي ته ٻنهي موقعن تي مقابلو ٿيو هجي ۽ گوتم پنهنجي قبيلي ۾ سڀ کان سنو سپاهي ٿيو هجي. هر مذهب جو حامي غير معمولي شخصيت جو مالڪ رهيو آهي ۽ گوتم جي غير معمولي شخصيت هجڻ ۾ ڪو شڪ نٿو ڪري سگهجي.
٧- راڄ ڳڙهه هاڻي راڄ گيند سڏجي ٿو، بمبار (٨٩٨ کان ٢٧٣ ق.م) جيڪو شهر اباد ڪيو هو، ان جا نشان هاڻي به ملن ٿا.
٨- رائس ڊيوڊس
٩- هن سان ملندڙ جلندڙ واقعو پيو به آهي ته جنهن ۾ حضور نبت شعيب حضرت موسیٰ کي دعوت ڏني هئي.
١٠- استوري آف ٻڌ ازم ڪي - جي سوندرس صفحو ٢٣
١١- جگيسوجيءَ هن جو نالو، ارز ڪلم ٻڌايو آهي
١٢- چرخ حيات، هتي چرخ حيات مان مراد اهڙي شهنشاهه جو رٿ يا ڦيٿو آهي جيڪو ساري دنيا جو فاتح هجي.
١٣- هي هنڌ پوءِ "ڏمڪ" جي نالي سان سڏيو ويو. اشوڪ هتي ٽين صدي ق.م ۾ هڪ يادگار قائم ڪيو هو. جنهن کي چيني سياحن ڏٺو هو. هن جا آثار اڄا به موجود آهن، هن هنڌ جو پتو ١٨٦٢ع ۾ پيو. انهيءَ سن جي آثار قديم جي رپورٽ ۾ هن جا ڪيترائي تفصيل موجود آهن. هي اهوئي هنڌ آهي جنهن کي "سارناٿ" چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو هلندڙ وقت ۾ هندوستان ۾ ٻڌ مذهب جي يونيورسٽي جي صورت اختيار ڪرڻ وارو آهي.
١٤- اهو بالڪل غلط آهي ته ان لاءِ گلن جي سيج وڇائي ويندي هئي جڏهن ته هو سنگهه وارن لاءِ خوشبو، هار ۽ روغن جو استعمال سنو نه سمجهندو هو ته پوءِ پاڻ اهي ڪيئن استعمال ڪري پئي سگهيو. ٻڌ جهڙيءَ عظيم هستيءَ جي قول ۽ فعل ۾ تمنا جي اميد ڪيئن ڪري سگهجي ٿي.
١٥- انهن جا نالا هي هئا، ڪوندنيا، ڏپ، پدري، مهانام ۽ اشرجن.
١٦- امير احمد علوي.
١٧- رائس ڊيوڊس.
١٨- امير احمد علوي.
١٩- مان مهاتما جو لفظ گوتم جي لاءِ استعمال ڪندي خود انهيءَ ڪري هٻڪان ٿو ته بقول دکني ٻڌن جي ته آتما يا روح جو قائل نه هيو. ليڪن هتي ته علوي صاحب جو قول نقل ڪيل آهي ۽ "نقل را چه عقل".

ترجمو سوئر جو گوشت، ڪيو آهي. مگر اهو صحيح نہ آهي. شڪر مردو جي معنيٰ آهي، ڪنيي، ۽ نہ سوئر جو گوشت (ڏسو ضميمو نمبر ٢)

٣٤- سونڊرس ۽ امير احمد صاحب جو خيال آهي تہ ٻڌ ٣٨٠ ق.م وفات ڪري ويو. راس ڊيوڊس ٣١٢ ق.م لکيو آهي. شيو نارائڻ شميم ٥٢٤ ق.م تحرير ڪيو آهي، ليڪن حال ۾ اشوڪ جو ڪتبو لڌو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ هو ٢٥٦ ڪانپوءِ گوتم جي وفات ۽ ٣٦ سالن ڪان پوءِ اشوڪ جي تخت نشيني هنيو ويو. پروفيسر مکرجيءَ ثابت ڪيو آهي تہ اشوڪ جي تخت نشيني ٢٧٠ ق.م ۾ عمل ۾ آئي. اهڙي طرح گوتم جو موت ٣٦- ٢٧٠+٢٥٦ ق.م ۾ ٿيو ۽ اشوڪ جي تاج پوشيءَ جي لاءِ ڏسو "اشوڪ" آرسي مڪرجي.

٣٥- ٿائون هال.

٣٦- امير احمد

٣٧- صحيح لفظ ڪوسي نگر آهي. تاريخدانن جي قِديم لفظ هن ڪي "ڪوسي لنگا" بنائي ڇڏيو.

باب ٽيون

# ٻڌ جي تعليم

جيئن جو اسان پهريائين چئي چُڪا آهيون تہ گوتم ٻڌ جي زماني ۾ عام طور تي ڪتاب ڪونہ لکيا ويندا هئا. اهم مذهبي تعليم ۽ اثر لفظن ڪي نظم ۾ پوئي ياد ڪرائي ويندي هئي، جنهن کي ”سوتر“ چئبو هو. انهن نظمن کي ياد ڪرڻ هڪ وڏو مذهبي فرض هيو. تنهن ڪري اٽڪل ٽن سون سالن تائين ٻڌ جي تعليم کي لکيت ۾ نہ آندو ويو. شهنشاه اشوڪ جي وقت ۾ ارڙهين سال ۾ هڪ ڪانفرنس (٢٥٢ ق.م) ڪوٺائي وئي. ان ۾ پهريون دفعو انهن عقيدن کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو. اهي ڪتاب ”تري ٽپڪ“ جي نالي سان سڏيا ويا ۽ اهي انهيءَ وقت جي عام بهاري زبان پاليءَ ۾ لکيون ويون. اهي اصل تري ٽپڪ جيڪي پٽنا ۾ تيار ڪيا ويا اهي گم آهن، مهر ان جو هڪ نقل مهيند، ڪٽي لنڪا يو ويو. تنهن ڪري ان جو ترجمو اتان جي زبان سنگاليءَ ۾ ڪيو ويو. تنهن ڪري پنجين صدي عيسوي تائين يعني ست سو سالن تائين هي پاڪ ڪتاب سنگالي زبان ۾ رهيا ۽ پالي زبان جاتري ٽپڪ، گم ٿي ويا. ٢٤٠ هجري ۾ ٻڌ گهوش نالي گيا، جو رهڻ وارو هڪ راهب لنڪا ويو ۽ ان سنگالي زبان انهن پوتر ڪتابن کي ٻيهر پالي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ هاڻي اهوئي ”تري ٽپڪ“ يعني ٻڌ گهوش جو ترجمو ٽيل تري ٽپڪ، سيني ڪان وڏيڪ قديم ۽ مستند سمجهيو وڃي ٿو. انهن ڪتابن کي ئي دکني ٻڌن يعني ٻنيان فرقي وارن جو اعتقاد آهي ۽ اهي ئي هن مذهب جا سيني ڪان وڌيڪ پراڻا ڪتاب آهن.

حافظي جي ڪمزوريءَ ڪري ۽ ترجمي جي ڦير گهير سبب گوتم ٻڌ جي تعليم ڪيتري قدر صحيح صورت ۾ اسان تائين پهتي آهي. انهيءَ جي باري ڪجهہ نٿو چئي سگهجي ۽ اسان انهيءَ تي بہ وساهہ ڪري نٿا سگهون تہ يورپي مورخن ۽ مترجمن جيڪو پاليءَ جو ترجمو انگريزي زبان ۾ ڪيو آهي، اهو بالڪل درست ۽ صحيح آهي.

## خدا ۽ روح:

مطلب تہ موجوده کوجنا جي نظر ۾ جيڪا ڪجھہ گوتم جي متفق طور تعليم مجي وڃي ٿي اها هن باب ۾ وچور سان ڏني وڃي ٿي. مگر ان جي بيان ڪرڻ کان اڳ هن امر کي چٽو ڪري ضروري معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي تعليم مان هي ظاهر آهي تہ گوتم جيڪي ڪجھہ پيش ڪيو آهي، اهو هڪ مذهب جي بنياد وجهندڙ (١) جي حيثيت سان پيش نہ ڪيو آهي. ان جو سمورو زور اخلاق ۽ عمل تي آهي. هو انسان کي ما بعد الطبيعاتي جهڳڙن ۾ منجهائڻ ۽ انهيءَ کي خيالي پلاون پچائڻ لاءِ نہ ٿي اياريو. پر هن انسان جي زندگيءَ کي زميني جنت بنائڻ ٿي گهريو. هن خدا جي باري ۾ ڪائي ڳالھہ چٽي ۽ صاف صاف نہ چئي. هن جو خيال هوتہ خدا جي باري ۾ سوچ ويچار ڪرڻ. زندگيءَ لاءِ فائديمند تہ آهي. هو هن دنيا کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي جهانن جو قائل هيو. پر هو ٻئي جهان يعني آخرت جو قائل نہ هو. هن،هن دنيا جي وجود ۾ اچڻ جي سببن تي بہ ڪا خاص روشني ڪا نہ وڌي آهي. هن جو سمورو فلسفو هن حياتي ۽ ان جي اخلاقي نتيجن تي ٻڌل آهي. جيئن تہ هو انهيءَ ماحول ۾ پيدا ٿيو هو جيڪو ٻيءَ جوڻ، جو سختي سان قائل هيو ۽ انهيءَ تي پڪو وساه رکندو هو. تنهن ڪري هن پنهنجي فلسفي ۾ بہ انهيءَ نظريي کي داخل ڪيو ۽ ان کي اخلاقي سڌاري جي اهميت ظاهر ڪرڻ جوهڪ خاص هٿيار بنايو. هو روح جو قائل نہ هو ۽ نہ وري ان کي جسم کان ڪا جدا شئي مڃيندو هو.

## فلسفو:

هو انهيءَ ڳالھہ تي گهڻو زور ڏيندو هو تہ هن جهان ۾ جيڪي بہ شيون آهن اهي سببن ۽ علتن جي هيٺان اچن ٿيون ۽ هر ڪا شيءَ هر گهڙي غير محسوس ۽ نامعلوم طريقي سان متبي رهي ٿي. يعني هر شيءَ متا ستا ۽ ڦير گهير جي علت جي هٿ هيٺ آهي. هو اسان وانگر دوزخ ۽ بهشت کي نہ مڃيندو هو، مگر اهو تسليم ڪندو هو تہ ڪجھہ اهڙا جهان آهن، جتي ديوتا رهن ٿا. مگر هن جي خيال ۾ انهن ديوتائن جون حياتيون بہ انهيءَ حد تائين مادي يا غيرمادي ٿي سگهن ٿيون. جنهن حد تائين انهن پهرين جنمن ۾ نيڪيون ڪيون آهن. هو چوندو هو تہ ديوتا بہ انسانن وانگر مرن ٿا ۽ انهن جا جهان بہ انهن سان گڏ ختم ٿي وڃن ٿا. هو چوندو هو تہ اهڙيون ڏک

(ڇهاءَ جي لاءِ)
(ج) مادي جون پنج خاصيتون: صورت، آواز، بوءِ، مزو ۽ جوهر ۵
(د) جنس مذڪر ۽ مونث ۲
(ر) ٽي ضروري حالتون، (۴) خيال، حياتيءَ جي سگهه، وقت ۽ جاءِ ۳
(س) اطلاع جا ٻه وسيلا گفتگو، اشارو ۲
(ش) زنده جسمن جون ڇهه صفتون، ڪني هجڻ جي صلاحيت ۷
بحال ٿجڻ جي صلاحيت، استعمال جي صلاحيت سگهه، ڪمزوري
(گهٽتائي)
تبديلي ۽ لچڪ (۲۸)

## (۲) احساس (ايمان):

ڇهن قسمن جا هوندا آهن، پنج ته اهي آهن جيڪي پنجن- اندرين جي وسيلي پيدا ٿيندا آهن. ڇهون ذهني، جيڪو حافظي جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي. انهن مان هر هڪ جا ٽي قسم آهن.
(۱) مقبول (۲) غير مقبول (۳) وچٿرو (يعني جيڪو نه مقبول هجي ۽ نا مقبول) هجي)

## (۳) اڪيلا ۽ گڏيل تصور:

انهن جا ڇهه قسم آهن، اهي سڀ جا سڀ انهن ڇهن احساسن سان واسطو رکن ٿا، مثلاً رنگ، وڻ ۽ جهرڪي وغيره جو تصور ڏسڻ سان واڳيل آهي. مناڻ جو تصور چکڻ واري ذائقي سان آهي ۽ خوشبو جو سنگهڻ سان آهي. وغيره.

## (۴) سگهه ۽ لاڙو:

(سنڪار) هنن جا باونجاه قسم آهن. اهي قسم هڪ ٻئي لاءِ رنڊڪ نه آهن. مگر انهن (سنگهارا) ۽ انهن ۾ فرق هي هوندو ته جيتريون شيون اڄ ڏينهن بيان ڪيون ويون آهن، اهي سڀ خارجيت سان واسطو رکن ٿيون، مگر جيڪي هاڻي بيان ڪيون وينديون اهي سڀ داخلي آهن.
(۱) (ڦاسا) التصال (ميلاپ) (۲) دوان يعني التصال جي نتيجي ۾ احساس (۳) احساسن جي سامان جو نتيجو، ڇڙوڇڙ خيال (۴) چشنا، خيالن يا احساسن جو جوڙڻ. (۵) مناسيڪار غور ويچار ڪرڻ، خيالن جو ورجائڻ (۶) ستي، حافظو (۷) جيون ندريه، حياتيءَ جي سگهه (۸) اڪاگانا، شخصيت (۹) ونڪ، ڌيان (۱۰) ويڪار، تفشيش (۱۱) ويريه، ڪوشش (۱۲) اوهيموڪا استواري (۱۳) پتي، خوشي (۱۴) چند، چنتنا ۽

# ٻڌ جا روح جي مسئلي تي هيٺيان زباني پرچار نقل ٿيل آهن:

## روح جو نہ هجڻ:

ڀڪشو! روح جي باري ۾ جدا جدا عالمن ۽ برهمڻن جيڪو بہ نظريو پيش ڪيو آهي، اهو هي آهي تہ "ياتہ اهو پنجن سڪنڌن (صفتن) جو ميڙ آهي، يا انهن مان هڪ سڪنڌ (صفت) آهي. انهيءَ ڪري اي ڀڪشو! جاهل ۽ لامذهب اهو آهي جيڪو نہ عالمن ۽ باشرع ماڻهن جي صحبت ۾ رهي ٿو ۽ انهن جي شريعت (ٻڌ مذهب) ڪي سمجهي ٿو ۽ نہ انهيءَ مطابق حياتي گذاري ٿو. اهڙو ماڻهو روح جي باري ۾ خيال ڪري ٿو تہ "يا تہ اهو روپ (مادي خصوصيت) آهي يا روپ ۾ شامل آهي،يا روپ م رهي ٿو. يا هو اهو خيال ڪري ٿو تہ اهو "ويدان" آهي يا ويدان رکي ٿو يا ويدان ۾ شامل آهي: اهڙي طرح باقي ٽن سڪنڌن (تصور، لاڙا ۽ عقل) جي باري ۾ بہ سوچن ٿا. اهڙي طرح روح جي باري انهن طريقن مان ڪنهن هڪ تي يقين رکڻ سان ان کي "مان" جو خيال پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ پنج حواس، ذهني صفتون ۽ جهالت ملي وڃن ٿا. انهن احساسن کان، جيڪي جهالت ۽ اتصال جي ڪري پيدا ٿين ٿا. حساس طبيعت ۽ غير شرعتي ماڻهو هن هن مخالطي ۾ سڪ ٿي ويندو آهي تہ "مان آهيان، منهنجو وجود آهي. "مان رهندس مان نہ رهندس، مان مادي صفتن جو حامل رهندس يا نہ رهندس. منهنجا ويچار هوندا يا نہ هوندا مگر ڀڪشو! باشريعت (ٻڌ مذهب جو پابند) چيلي پنجن اندرين رکڻ هوندي بہ انهيءَ جهالت کان آزادي ماڻي آهي ۽ ان کي ساڃاه اچي وئي آهي. انهيءَ ڪري هن کي "مان" وغيره جا خيال پيدا ئي نٿا ٿين."

مطلب تہ "روح جو انڪار" ٻڌ مذهب جو هڪ ضروري جزو (هنيان، يا دکني ٻڌن جي مطابق) آهي.

هاڻيءَ انهيءَ مسئلي جو حل ضروري آهي، تان تہ اگر روح ڪا شيءَ نہ آهي ۽ جوڻ (١٢) يعني هر هر جنم وٺڻ بہ صحيح آهي تہ اها ڪهڙي انساني شيءَ باقي رهجي وڃي ٿي جيڪا هر هر جنم وٺي ٿي؟

## جوڻ ۽ ڪرم:

گوتم جيئن تہ هندوستان ۾ پيدا ٿيو هو ۽ هتان جي فلسفي جو مطالعو ڪيو هو. انهيءَ ڪري هو تناسخ يعني، جوڻ، کان انڪار ڪري نہ سگهيو. هن انسان جو وري، وري جنم وٺڻ مڃيو، ليڪن جيئن تہ هو روح

جو قائل نہ هو ۽ ان کي جسم کان هڪ جدا شيءِ مڃڻ کان انڪاري تنهن ڪري هن کي مٿئين مسئلي جو تسلي بخش جواب ڏيتو هو، ان انهيءَ جو حل "ڪرم" جي نظريي جي صورت ۾ پيش ڪيو ۽ ان کي هڪ راز، چئي سائل کي وڌيڪ سوالن ڪرڻ کان روڪيو.

"ڪرم" واري نظريي جي ماتحت جيئن ئي ڪو حيوان (انسان، جانور، ديوتا) مري ٿو تہ ان جي لاءِ هڪ نئين حياتي گهٽ وڌ آرام سان شروع ٿئي ٿي،هيءَ زندگي خوشگوار يا ناخوشگوار، انهيءَ حالت ۽ مناسبت سان ٿئي ٿي،جنهن نسبت سان هن سنا يا برا ڪم ڪيا آهن. اهو سبب جيڪو نئين حياتيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو، اهو ترشنا (اڃ) آهي يا اپادان (پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ) آهي. پوءِ حواسن جو ظاهري دنيا سان ميلاپ ٿيندو آهي ۽ احساس شروع ٿي ويندا آهن. انهن احساسن سان پيهر اڃ يعني ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي سڌ پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ اڃ جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ انهن سڌن کي پوري ڪرڻ يا قابوءَ آڻڻ جي فڪر (اپادان) ۾ تيزي اچي وڃي ٿي.

اهو فڪر يا اپادان انهيءَ نئين فرد کي وجود ۾ آڻي ٿو ۽ انهيءَ فرد جو ماحول، فطرت ۽ مستقبل، اهوئي "ڪرم" طئہ ڪندو آهي. جيڪو انهيءَ جي پهرين جنم جو ڦل هوندو آهي. "ڪرم" جي انهيءَ نظريي ٻن حدن جي وچ ۾ هڪ وچترائي پيدا ڪئي آهي. هڪ حد تي اهي ماڻهو آهن، جيڪي روح جا قائل آهن ۽ ان کي غير فاني شئي ٿا مڃين. ٻيءَ حد تي اهي ماڻهو آهن جيڪي اخلاقي انصاف، آخرت جي حساب ڪتاب جا انڪاري آهن. ٻڌ مذهب پيروڪار روح جو قائل نہ آهي، مگر هو انهيءَ تي ضد ٻڌي بيٺو آهي تہ ۽ ان جو ڦل ملڻ ضروري آهي. تنهن ڪري انسان جو اخلاقي فرض آهي تہ هو نيڪ بڻجي ۽ عمل صالح ڪري.

مگر سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن روح نٿو رهي تہ عملن جو نتيجو ڇو؟ ٻڌ مذهب چوي ٿو تہ روح نٿو رهي پر ڪرم رهي ٿو. يعني هر فرد جا عمل، تقرير ۽ ويچار جا نتيجا باقي رهن ٿا ۽ اهو ڪرم فنا نٿو ٿئي. اهوئي ڪرم مئل شخصيت جي جزن کي ڪٺو ڪري ۽ ان جي صلاحيتن ۽ لاڙن کي گڏ ڪري هڪ نئين وجود ۽ هڪ نئين فرد جي صورت وٺي ٿو. جهڙي طرح هڪڙو نسل پنهنجي ختم ٿيڻ سان پنهنجون سموريون سٺايون ۽ برايون، ايندڙ نسل جي جهوليءَ ۾ وجهي ويندو آهي. بالڪل اهڙيءَ طرح هر فرد فنا ٿيندي ئي پنهنجون نيڪيون ۽ بديون، پنهنجي نئين شخصيت کي ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن انهيءَ دور ۽ تسلسل کان آزاد ٿيڻو آهي ۽ وري وري جنم وٺڻ جي مصيبت کان بچڻو آهي تہ انسان کي گوتم جي انهيءَ ٻڌايل رستي هلڻ گهرجي جيڪو خوشي، آنند عقل، نيڪي،نرواڻ تائين وٺي وڃي ٿو.

ونئو پوندو ته هو انهن شين کي بالڪل فنا ڪري ۽ اهڙيءَ طرح ان جو ڪوبه ڪرم باقي نه رهندو. "سالڪ ٻي منزل تي پهچي ويو".

(٣) هن دنيا ۾ وري واپس نه اچڻ: جڏهن هوس ۽ نفرت کي اهڙيءَ طرح ختم ڪيووجي جو پاڻ ۾ ڪابه سڌ نه پيدا ٿئي ۽ ٻين لاءِ ڪو خراب جذبو پيدا نه ٿئي ته پوءِ ٻئي جنم جي ضرورت باقي نٿي رهي. "سالڪ ٽين منزل پوري ڪئي"

(٤) آرهت: هيءَ اها منزل آهي جنهن علم ۽ سوچ جي اها گهٽائي ٿيندي آهي جو جهالت، پاڻ پٺو ۽ آڪڙ جو نالو نشان نٿو رهي ۽ مادي يا غير مادي زندگي جي تمنا نٿي رهي (هيءَ آخري منزل آهي).

زنجير: هن منزلن کي پار ڪرڻ لاءِ سالڪ کي ڏهه زنجير ٽوڙڻا پوندا. اهي هي آهن:

(١) شخصيت جو وهم (٢) ٻڌ ۾ شڪ (٣) ريتن تي ويساهه (٤) هوس پرستي ۽ نفس پرستي (٥) نفرت (٦) هن دنيا ۾ زندگيءَ جي خواهش (٧) جنت جي خواهش (٨) غرور (٩) پاڻ کي صحيح ۽ سچو سمجهڻ (١٠) جهالت.

ٻڌمذهب جو پيروڪار جڏهن پهريان پنج زنجير ڇنبندو ته اهو ارهت ٿي ويندو ۽ جڏهن هو سمورا زنجير ٽوڙي ڇڏيندو ته ان کي پنهنجو مرتبو ملي ويندو. انهيءَ مرتبي حاصل ڪرڻ جو جا نالو "نرواڻ" آهي. لفظ نرواڻ جي لفظي معنيٰ، "فنا" آهي، مگر هيءَ فنا ڪنهن خيالي روح جي نه آهي، پر ان ذهني ۽ جسماني لاڙي جي آهي، جيڪو "ڪرام" جي نظريي جي مطابق پنهنجي انفرادي حياتيءَ کي هر هر وجود ۾ آڻي ٿو. اهو لاڙو انهيءَ وقت فنا ٿيندو جڏهن اسان ان جي ابتڙ لاڙا پاڻ ۾ پيدا ڪيون، جڏهن هي اتيڙ ڪيفيت چوٽ تي پهچي ويندي، يعني پوري نيڪي، عقل ۽ آنند حاصل ٿيندو ته اهوئي "نرواڻ" آهي. نرواڻ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ نه ته ڪوئي فڪر رهندو ۽ نه ئي ڪوئي غم. نه سڌ نه "انفراديت" نه ڪرم ۽ نه ٻي جوڻ، انسان انهن سڀني بکيڙن کان آجپو حاصل ڪندو.

۽ ان جي حياتي ختم ٿيڻ کان پوءِ وري وجود ۾ نه ايندي. ١٣ مگر ٻڌ مذهب جي پيروي ڪرڻ جو اصل مقصد رڳوڪرم ۽ جنم جي بکيڙن کان آجپو حاصل ڪرڻ نه آهي، پر زندگيءَ ۾ نرواڻ حاصل ڪري اهو آنند نيڪي عقل ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ آهي،جيڪا انسان لاءِ هن دنيا کي سرگ بڻائي سگهي ٿي.

ب: انهن کي جيڪي ڪجهه سيکاري سو اهي وساري نه ڇڏين.
ج: انهن کي مذهبي ڳالهيون ۽ سائنس سيکاري.
د: انهن کي خطرن کان بچائي.
هه: انهن جي دوستن ۽ ساٿين سان انهن جي تعريف ڪري.

**(٣) زال ۽ مڙس: مڙس کي زال سان هن طرح محبت ڪرڻ گهرجي.**

الف: هن سان سٺو سلوڪ ڪري.
ب: هن سان نيڪيءَ وارو سلوڪ ڪري.
ج: انهيءَ سان وفادار رهي يعني هن جي هوندي ڪنهن ٻيءَ عورت ڏي نه واجهائي.
د: ٻين کان به هن جي عزت ڪرائي.
(ر) ان کي وت آهر ڪپڙا ۽ زيور ڏي.

زال کي مڙس سان هن نموني سان محبت جو اظهار ڪرڻ گهرجي:
الف: هوءَ ان جي گهر جو سٺو بندوبست رکي.
ب: مٽن ۽ مائٽن ۽ دوستن جي تواضح ۽ آجيان ڪري.
ج: پنهنجي عصمت ۽ عزت جو خيال رکي.
د: فضول خرچي نه ڪري.
ر: هر ڪم هنرمنديءَ ڦڙتائي سان پورو ڪري.

**(٤) دوست ۽ ساٿي: باعزت ماڻهو پنهنجن دوستن سان ڪيئن پيش اچي.**

- انهن کي سوکڙيون پاکڙيون ڏي
- اخلاق سان گفتگو ڪري.
- انهن جي ڀلي واسطي سوچي
- انهن کي پاڻ جهڙو ۽ برابر سمجهي
- پنهنجي ملڪيت ۾ هنن کي ڀاڱي ڀائيوار سمجهي.

**• اهي ماڻهو هن سان پنهنجو اخلوص هن طرح ظاهر ڪن:**

- اهي ماڻهو انهيءَ جي نظرداري، ان وقت جڏهن اهو هر ڳالهه کان بي خبر هجي.
- ان کي خطري جي حالت ۾ پناهه ڏين.
- انهيءَ جي ملڪيت جي سار سنڀال لهن، جڏهن هو بي پرواه رهي.
- ڦتل ڀاڳ ۾ انهيءَ جو ساٿ ڏين.
- انهيءَ جي ڪٽنب سان نهايت سٺي نموني سان پيش اچن.

**(۵) مالڪ ۽ نوڪر: مالڪ پنهنجن نوڪرن سان هيئن پيش اچي.**

- انهن جي سگهه مطابق انهن کان ڪم وٺي.
- انهن کي مناسب پگهار ۽ کاڌو ڏي.
- بيماريءَ ۾ انهن جي نظرداري ڪري.
- عام طور سٺن ڪاڌن ۾ انهن کي شريڪ ڪري.
- ڪڏهن، ڪڏهن انهن کي موڪل به ڏي.

**• نوڪرن کي مالڪ سان پنهنجي سچائيءَ جو اظهار هن نموني ڪرڻ گهرجي.**

- اهي مالڪ جي عزت ڪن.
- پوءِ ئي آرام ڪرڻ وڃن.
- جيڪو ڪجهه هنن کي ڏنو وڃي، انهيءَ تي قناعت ڪن.
- دل لڳائي ڪم ڪن.
- مالڪ سان عزت ۽ ادب سان گفتگو ڪن ۽ ان جي پرپٺ ان کي سٺو چون.

**(٦) عام ٻڌ ۽ مذهبي ٻڌ: مرد ديندار ڀڪشو ۽ برهمڻن جي خدمت هن نموني سان ڪري.**

- دل سان محبت ڪري.
- زبان سان محبت ڪري.
- خيال سان محبت ڪري.
- انهن جي خوشي جو خوشيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪري.
- انهن جي ضرورتن کي پورو ڪري.

**• مذهبي ماڻهن کي پنهنجي ميزبان سان هن طرح سان پيش اچڻ گهرجي:**

- انهن کي خراب ڪمن ڪرڻ کان منع ڪن
- انهن کي نيڪي ڪرڻ ڏانهن مائل ڪن.
- انهن کي ديني تعليم ڏين، انهن جا وسوسا دور ڪن ۽ "نرواڻ" جو رستو ڏيکارين.

• منع ٿيل ڌنڌا:

- هٿيار وڪڻڻ
- ٻانهيون ٻانها وڪڻڻ
- گوشت وڪڻڻ
- شراب ناهڻ ۽ وڪڻڻ
- زهر وڪڻڻ

انهن حڪمن ۽ اخلاقي هدايتن عمل ڪرڻ سان هر ماڻهو سچي خوشي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن "ٻڌ"انهيءَ تي عمل ڪندو ته اهو "ارهٽ" جي درجي تي پهچي ويندو..

## حوالا

١- رائيس ڊيوس وغيره
٢- Composition and deseomposition
٣- Self Existant
٤- Vetality
٥- Space
٦- شيونرائڻ شيم انهيءَ جو ترجمو ڪيو.
٧- ڪجهه ماڻهوءَ انهيءَ جو ترجمو تحت شعور به ڪن ٿا.
٨- Plraney
٩- Adaptablity
١٠- گوگرلي
١١- اسپنس هارڊي
١٢- برنوف
١٣- مفڪرن ڪي شروعات کان ئي هن سوال جي ڪرڻ جو فڪر رهيو ته ماڻهو جدا جدا نمونن جي عيبن سان ڇو پيدا ٿيندا آهن؟ اهڙي طرح جو اختلاف ڇو آهي ته ڪو راجا آهي ۽ ته ڪو وري پرجا آهي. ڪو امير آهي ته ڪو غريب آهي. ڪو محلن ۾ رهي ٿو ۽ ڪو جهڳين ۾. انهيءَ سوال جو جواب ٻن نمونن سان ڏنو ويو آهي. هڪ مذهبي طبقو قسمت يا تقدير جو قائل آهي. انهن ماڻهن جي خيال ۾ هر فرد جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه قسمت ۾ لکجي چڪو آهي ۽ اهوئي انهيءَ شخص جي قسمت يا تقدير آهي.

## باب چوٿون

# سنگهہ يا فقيرن جي جماعت

هن مذهب جي شروعات ئي گوتم جي تارڪ الدنيا ٿيڻ سان ٿي. انهيءَ ڪري چيئن" جيئن ٻڌجي چيلن ۽ پيروڪارن جي انگ ۾ واڌارو ٿيو، فقيرن جو جٿو وڌندو ويو. مگر مذهب انهن فقيرن تائين محدود نہ هو انهيءَ ڪي اهي ماڻهو بہ اختيار ڪري سگهندا هئا، جيڪي گهرو زندگي گذاريندا هئا ۽ جيڪي واپار، پوکي راهي ۽ ٻين مخلف ڌنڌن ۾ رڌل هئا. اهڙا ماڻهو بہ هئا جيڪي سڀ ڪجهہ ڇڏي راهبن واري زندگي بسر ڪندا هئا. اهڙا ماڻهو بہ هيا جيڪي عملي حيثيت ۽ عقيدي جي لحاظ کان ٻڌ مذهب ڪي مڃن وارا هئا ۽ دنيا جا سمورا ڌنڌا بہ ڪندا هئا. فطري طور تي اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏيندا هئا، اهي وڏيڪ عزت لائق سمجهيا ويندا هئا. گوتم جي زماني کان ئي اهڙن ماڻهن جي هڪ باقاعدي جماعت ٺجي چڪي هئي، انهيءَ کي سنگهہ چوندا هئا.

سڀني کان اول انهيءَ سنگهہ، ۾ اهي ئي چيلا داخل ٿيندا هئا جيڪي گوتم کان ڦري ڪري دشت غزالان (هرڻن جي ميدان) ۾ هليا ويندا هئا. هوريان هوريان ٻيا ماڻهو بہ اچي ڪري هن ۾ شريڪ ٿيا. شروعات ۾ داخلا لاءِ ڪابہ ريت رسم ڪانہ هئي ۽ نہ ئي قانون جڙيا هئا. پر پوءِ انهيءَ جا قاعدا ۽ ضابطا جوڙيا ويا ۽ انهيءَ هڪ "رتابند" حيثيت اختيارڪئي جيئن تہ رومن ڪيٿولڪ، مذهب کان سواءِ دنيا جي ڪنهن بہ وڏي مذهب ۾ "سنگهہ" جهڙي مذهبي اڳواڻن تي ٻڌل جماعت ڪانهي انهيءَ ڪري انهيءَ جي داخلا جا اصول ۽ ان ۾ شامل راهبن جي روزانہ زندگي، انهيءَ جو علم دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. انهيءَ ڪري اسان انهيءَ لاءِ وچور پيش ڪري

جي پيالن کي ڌوئي صاف ڪندو. ان ڪانپوءِ ڪنهن نوبڪلي جاء تي ويهي ٻڌ ۽ ان جي تعليم تي ويچار ڪندو. تنهن کان بعد، ڪو ڪتاب کڻي يا ته گروءَ کان سبق وٺندو يا انهيءَ ڪتاب جو نقل ڪندو ۽ هر وقت انهيءَ ۾ لکيل حڪمن جي معنيٰ ۽ مر طلب تي غور ڪندو رهندو.

## ڌيان جا قسم:

چيلن جي ڪري گروءَ جو تمام گهڻو وقت بچي پوندو، اهو سارو وقت هو ڌيان گيان ۾ گذاريندو، اهي ڌيان پنجن قسمن جا هوندا آهن.

### ١- پتا-ياونا (محبت جو ڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو، مصيبت ۽ ڏکن جي زندگي ۽ چوٽڪارو حاصل ڪري ڪهڙي خوشي حاصل ٿي سگهي ٿي. ۽ جيڪڏهن اهڙي قسم جي خوشي ساري دنيا کي حاصل ٿي وڃي ته ڪيترو نه سٺو ٿيندو. مطلب ته هو ساري دنيا جي محبت-سان پنهنجي دل کي ٽمٽار ڪندو ۽ سڀ جو ڀلو گهرندو.-

### ٢- ڪرونا ياونا (همدرديءَ جو ڌيان):

ڌيان ڪندڙ هي سوچيندو ته دنيا ڏکن ڏاڪڙن سان ڀري پئي آهي ۽ اهاڪوشش ڪندو ته هو دنيا جي ستايلن ۽ مجبورن جي درد کي محسوس ڪري ۽ اهڙي طرح پنهنجي دل ۾ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪري.

### ٣- مديتا ياونا (خوشيءَ جو ڌيان):

ٻين جي خوشيءَ جو خيال ڪيو ويندو ۽ انهن جي خوشيءَ مان خوشي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

### ٤- اسوڀ ياونا (ڇوٽڪاري جوڌيان):

انهيءَ تي غور ڪيو ويندو ته جسم ڪيتري قدر خراب شيءَ آهي ۽ ڪهڙي طرح بيماريءَ ۽ موت جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ جي پابندين مان آزاد ٿيڻ ڪيتري قدر ضروري آهي.

## ٥- اپڪشا ياونا (اطمينان، دماغي ڌيان):

هن ڌيان ۾ درويش ياراهب دنيا جي سموريون سٺاين،براين، ڏک، خوشي صحت، بيماري دولت ۽ غربت تي غور ڪندو۽ اها ڪوشش ڪندو تہ هو انهن سڀني ڳالهين جواثر قبول نہ ڪري.

## راهبن سان گوتم جي آخري ڳالهہ ٻولهہ:

انهيءَ سلسلي ۾ گوتم جو آخري خطاب بہ ذڪرلائق آهي، جو ان مرڻ کان اڳ ۾ "ڪوٽا گارا" هال ۾ راهبن کي ڪنو ڪري ڪيو هو. اسان انهيءَ خطبي کي سنگهہ جي فرض جو نچوڙ چئي سگهون ٿا "ٻڌ سوتر" ۾ جن لفظ ۾ انهيءَ کي نقل ڪيو ويو آهي. انهيءَ جو ترجمو هيٺين ريت آهي:

گوتم فرمايو: "اي دِرويشو! هن قانون کي، جيڪو مان توهان آڏو آندو آهي، چڱي طرح ياد ڪيو، انهيءَ تي عمل ڪيو.

۽ انهيءَ جي تبليغ ڪيو تہ جيئن منهنجو هي مذهب دنيا سان همدردي، ديوتائن ۽ ماڻهن جي فائدي واسطي گهڻو وقت زنده رهي. هي قانون (شريعت) ڇا آهي؟ هي چار خلوص پربا مراقبا آهن. چار وڏيون ڪوششون آهن. "پوڌيءَ" تائين پهچڻ لاءِ چار پيچرا آهن. پنج اخلاقي سگهون آهن،هي ويڪرو ۽ شرف وارو انوٺي فائدي وارو رستو آهي."

انهن جامع فقرن ۾ جيڪي ڪجهہ چيو ويو آهي اهو گهڻو وچور طلب آهي.هن مختصر ڪتاب ۾ وضاحت جي جاءِ ڪانهي. انهيءَ ڪري انهيءَجي معنيٰ مختصر ٻڌائي وڃي ٿي:

### ا- هشت قل رستو:

انهيءَ تعليم کي ٻڌ جي سلسلي ٻڌايو ويو اهي.

چار خلوص مراقبا:- (ستي پٿانا) هي آهن:

الف: جسم ڪثافت جي باري ۾.

ب: انهن براين جي باري ۾ جيڪي احساس کان پيدا ٿينديون آهن.

ج: خيالن ۽ ويچارن جي اٿل ۽ نااٿل هجڻ جي متعلق.

د: زندگيءَ جي حالتن ۽ پابندين جي باري ۾.

## ٣- چار وڏيون ڪوششون هي آهن: (سمبڌانا)

الف: اها ڪوشش ڪرڻ ته خراب لڇڻ پيدا نه ٿين.
ب: پيدا ٿيل خراب لڇڻ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
د: انهن نيڪين کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جيڪي اڳ ۾ موجود آهن.

## ٤: ولايت جا چار رستا: (اڌي پدا):- يعني ولايت حاصل ڪرڻ لاءِ چاررستا آهن.

الف: ولايت حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه .
ب: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش
ج: انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ دل جي پاڪائي
د: حق جي تلاش

## ٥: پنج اخلاقي قوتون (ٻلاني) يا ذهني صلاحيتون (اندرپالي) هي آهن:

الف: اعتقاد
ب: چستي
ج: ياد
د: سوچ
ر: وجدان

انهن پنجن اخلاقي سگهن ۽ ذهني صلاحيتن مان اعتقاد کي ڪڏي چار وڏيڪ صفتون شامل ڪن ٿا، يعني مذهبي ڪتابن جي تحقيق اطمينان ۽ آنند، خوشي ۽ وجدان انهن ۾ داخل ڪن ٿا ۽ انهن کي ست عقل منديون (ٻوڌي رنگي) چون ٿا.

انهيءَ سلسلي ۾ راهبن کي ٻه طريقا رياضت جا ٻڌايا ويا آهن ۽ انهن کي جهان ۽ سماڌي چوندا آهن.

## جهان:

هي پالي لفظ آهي سنسڪرت ۾ ان جو بدل "ڌيان" آهي، عربيءَ ۾ ان کي استغراق، چئجي سگهجي ٿو. انهيءَ جهان جو چار منزلون آهن.
١- پهريون منزل، خوشيءَ مسرت جي اها حالت آهي جيڪا انهيءَ

اڪيلائي ۾ پيدا ٿيندي آهي، جيڪا سوچ ويچار ۾ گذاري وڃي.
٢- ٻي منزل انهيءَ سرور جي ڪيفيت جي آهي جيڪا گهري اطمينان مان پيدا ٿيندي آهي، جتي سوچ ۽ چپ جو ڪوبہ گذر ڪونهي. اهڙيءَ حالت ۾ خيال ۾ آسودگي هوندي آهي ۽ ڪشف ٿيندو آهي.
٣: ٽين منزل اها خوشحالي آهي جيڪا نفسي سڌن کي مارڻ سان پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن ۾ خوشيءَ جون لهرون ساري جسم ۾ ڊوڙنديون رهنديون آهن. جنهن ۾ صبر آهي، يادگيريون آهن ۽ خوشيون پڻ.
٤- چوٿين منزل اها آهي جنهن ۾ بي اثري ۽ لاتعلقي انهيءَ حد تائين هوندي آهي، جو نہ ڪنهن امر جي خوشي هوندي آهي ۽ نہ وري ڪنهن ڳالهہ جو غم. اتي ڏک ۽ سک ٻنهي جو گذر نہ هوندو آهي ۽ نہ انهن جو اثر هوندو آهي.

پهرين جهان ۾ درويش ڪنهن ڳوڙهي مذهبي نڪتي تي غور ڪندو آهي، سوچيندو آهي ۽ هر رخ تي نظر وجهندو آهي. هوريان هوريان ان جا ماغي مونجهارا ختم ٿي ويندا آهن ۽ ڪشف واري ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. انهيءَ ڪيفيت جي پيدا ٿيندي ئي ٻي منزل شروع ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جو سوچ ويچار جو وشئہ ذهن مان غائب ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي هڪ ديرپا خوشي جسم ۾ ڊوڙڻ لڳندي آهي. هڪ مدهوشي ڇانئجڻ لڳندي آهي. انهيءَ ڪيفيت سان ٽين منزل شروع ٿيندي آهي. ٿوريءَ جهت ۾ هي خوشيءَ جو احساس بہ ويندو رهندو آهي ۽ رڳو انهيءَ جي ياد رهجي ويندي آهي ۽ سالڪ تي هي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي جو نہ تہ ڪنهن قسم جي خوشي رهجي وڃي ٿي ۽ نہ ڪوئي غم، ليڪن بي پرواهي ۽ بي نيازي انهيءَ تي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ اها ئي رياضت جي پورنتا آهي. انهيءَ کي "اپنا" چوندا آهن.اهوئي ارهت جو درجو آهي.

## سماڌي:

هي هڪ طرح جي مسمريزم جي رياضت آهي، جنهن جي وسيلي پنهنجي مٿان هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ڪجي جو هر قسم جو احساس وقتي طور فنا ٿي وڃي ۽ پنهنجي وجود مان مزو محسوس ڪرڻ لڳجي. انهيءَ رياضت جي وسيلي اها ڪيفيت پيدا ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هڪ جيئرو ماڻهو بالڪل مئل نظر اچي. ڪجهہ گهڙين جي لاءِ لاش ۽ هن ۾ ڪوبہ فرق نظر نہ اچي. اهڙي قسم جي شڪتي حاصل ڪرڻ ٻڌ مذهب ۾ جسم تي سڀ کان وڏي سوڀ پائڻ سمجهيو وڃي ٿو ۽ تبت جا لاما انهيءَ ۾ وڏي مهارت رکن ٿا.

انهن رياضتن جي باري ۾ اينرو عرض ڪرڻ ضروري معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻڌ کان اڳ هندوستان ۾ رائج هيون. خود انهن چپ چاپ ڪري ۽ انهن کي آزمائي ڪين ترڪ ڪيو هو. تنهن ڪري اهي پڪ سان ٻڌ مذهب ۾ گوتم کان پوءِ برهمڻن جي سٽ ۾ شامل ڪيون ويون. تنهن ڪري انهن کي اصل مذهب جو جزو سمجهڻ غلطي ٿيندي.

## حوالا:

١- پهريون قاعدو صحت جي حفاظت جي اصول تي ٻڌل آهي.

٢- ٻئي ضابطي مان ظاهر ٿئي ٿو ته:

(الف) انهيءَ زماني ۾ غلامي رائج هئي ۽ غلام کي آقا جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو.

(ب) اهو ويدي قانون جاري هيو ته قرض ڏيندڙ قومن وٺندڙ کي وڪڻي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح اهو هن جي ملڪيت هوندو هو.

(ج) اها به ڄاڻ ملي ٿي ته ٻڌ مذهب حڪومت سان ٽڪرائڻ کان پاسو ڪرڻ تي گهريو.

٣- هي قاعدو ٻڌ راهول کي سنگهه ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ شد وڌن جي احتجاج تي بنايو هو!!

٤- Socred Books of art

اٺون جلد صفحي ٣٢٠ کان ٣٣٦ تائين.

٢- ان روح جو ته انڪار ڪيو مگر هو نتيجن جو قائل هيو اهو مسئلو روح جي وجود کي مڃڻ کان سواءِ هڪ قدم به اڳتي وڌي نه پيو سگهي. تنهن ڪري هن انهيءَ ڳنڍ کي کولڻ لاءِ ڪرم، جو نظريو پيش ڪيو ۽ انهيءَ کي ڪنهن حد تائين غير قانوني مڃيو ۽ ان کي وجود ۾ آڻڻ جو سبب بنايو. پر ان هن سوال جوجواب ڪوبه نه ڏنو ته انسان سڀ کان پهريائين ڇو وجود ۾ آيو؟ انهيءَ وقت ته ڪوبه "ڪرم" نه هو پوءِ نيٺ اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن عنصرن، صفتن ۽ لاڙن کي ڪنو ڪري زندگي بخشي؟

٣- هن ديوين ۽ ديوتائن جي دنيا کي تسليم ڪيو مگر هن انهن کي به ڪرم، جو پابند بنايو ۽ انسانن وانگر فاني مڃيو ليڪن هن نه ته انهن ديوي ديوتائن جي ضرورت تي روشني وڌي ۽ نه انهن ۽ انسانن جي وچ ۾ فرق ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي.

٤- ان انسان جي سڀ جي سڀ کان وڏي ترقي نرواڻ، حاصل ڪرڻ ٻڌائي يعني اطمينان ۽ آنند وارو جيون ۽ هميشه لاءِ فنا.

انهيءَ شيءِ انسان کان ترقي ڪرڻ ۽ بهتر کان بهتر بڻجڻ جي هڪ فطري خواهش ڇني ورتي. هندوستان ۾ جيترا به مذهب هئا اهي سڀ انهيءَ جا قائل هئا ته:

دريا مان هي موتي نڪتو هو
۽ دريا ۾ ئي ته وڃي گم ٿيو

انهيءَ کي اهڙي نرواڻ کان جيڪو ان کي ابدي بنائڻ جي بدران هڏن جي مٺ بنائي ڇڏي، ڪنهن به طرح سان تسڪين حاصل ٿي نه ٿي سگهيو.

٥- هن رسم جي مخالفت ڪئي، ذاتين جي فرق کان انڪار ڪيو ۽ سنگهه ۾ ڄجمر ۽ پنگيءَ کي داخل ڪيو، اهو آريائي روايتن ۽ مزاج جي ابتڙ هيو. آريا هميشه نسل جي پوترتا جو حد کان وڌيڪ خيال رکندا هئا. اهي پاڻ کي ٻين کان اتم سمجهندا هئا ۽ اهي ريتن، رسمن، علامتن، ۽ نشانين جا تمام گهڻا قائل هئا. مطلب ته شروع کان ئي هن مذهب ۾ ڪجهه اهڙيون گهٽتايون هيون، جن جي ڪري هي مذهب تبديلين ۽ اضافن کانسواءِ رهي نه ٿي سگهيو.

شروع ۾ ته جپ تپ کي ختم ڪري ڪيو ويو هو ۽ جسم جي آزاديءَ جي خلاف. مگر ٻڌ جي ڀڪشن جي هڪ جٿي گوتم جي ئي زماني ۾ جيڪا تنظيمي صورت اختيار ڪئي هئي، انهيءَ ۾ جپ تپ ۽ جسم جي آزادي سڀ ڪجهه موجودآهي. ڀڪشو راهبانا زندگي گذاريندو، جنسي لذت کان محروم رهندو. خير پنندو. پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پائيندو. نرم بستري تي نه سمهندو. خوشبوءِ عطر ۽ ٻيا سرهاتيل نه واپرائيندو. رڱو منجهند جو ماني

چوٿين صدي عيسويءَ تائين موجود هيا ۽ فاهيان، انهن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ماڻهو گوتم کي ٻڌ، نہ مڃيندا هئا پر مرتد، چوندا هئا ۽ انهيءَ ڳالهہ جا قائل هئا تہ هڪ ٻڌ اڃا ايندو جنهن جو نالو ستر ٻڌ، يا رحمت جو ۳ ٻڌ هوندو.

گوتم ٻڌ جي باري ۾ هي خيال بہ ماڻهن ۾ پيدا ٿيو تہ هو معصوم ۽ نهايت عقلمند هو. سندس جي باري ۾ اهڙي طرح ڪرامتن ۽ معجزن جو يقين ڏياريو ويو. جن جو برهمڻ پنهنجن ديوتائن جي باري ۾ ويساهہ رکندا هئا ۽ جيڪي هر مذهب جي باني جي باري ۾ انهن جي ڪتابن ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

## گوتم اولوهيت جي درجي تي:

هي چيو ويو تہ گوتم ڪنهن انسان جو پٽ نہ هو، هو پاڻ هڪ اڇي هاٿيءَ جي صورت ۾ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هليو ويو. جڏهن هو پيدا ٿيو تہ زمين ۽ آسمان اِنَ کي سجدو ڪيو. وڻ جهڪي ڪري سندس ماءُتي ڇانو ڪئي ۽ ديوتائن 'دائي' وارو ڪم ڪيو. جُيئن ان جي ماءُ جي پيٽ مان اهڙي مها پرش جي پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ ڪنهن ٻيءَ اولاد جو پيدا ٿيڻ مناسب نہ هو تنهن ڪري اها پٽ ڄمڻ کان پوءِ ستين ڏينهن آسمان تي ڪنئي ويئي.

جڏهن گوتمُ ماءُ جي پيٽ ۾ آيو ٻتيهہ علامتون ظاهر ٿيون ڏهہ هزار جهان روشن ٿي ويا. انڌن کي اکيون ٿي ويون. گونگا ڳالهائڻ لڳا. ٻوڙا ٻڌڻ لڳا. قيدي آزاد ٿيَ ويا. ساري دنيا جهومي اٿي: آسمان واسي سڀ ٿي ويا. دوزخ جي باهہ وسامي ويئي. گناهگارن جي گناهن ۾ گهٽتائي اچي ويئي. هو ڏهہ مهينا ماءُ رحم ۾ اهڙي طرح گوڏا ڪوڙي ويٺو جو ان جو نوري جسم چٽو ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ ديوتائن کي تعليم ڏيندو هو ۽ حق جو پرچار ڪندو هو.

## معجزا:

پيدا ٿيڻ سان هو ست قدم هليو ۽ ان راءِ ڏيندڙ جي حيثيت ۾ چيو تہ "مان سموري عالم جو مالڪ ۽ مختار آهيان، هي منهنجو آخري جنم آهي" جڏهن گوتم کي ڄمڻ ڪانپوءِ مذهبي رسم جي مطابق ڀهرٻون ۾ پيرو مندر ۾ ديوتائن جي آڏو پيش ڪرڻ لڳا. وني ويا تہ سمورا بت سڌا ٿي آجيان لاءِ بيٺا ۽ ان جي پيرن ۾ سجدي لاءِ ڪري پيا. جڏهن گوتم لاءِ پري پري کان ڪامل استاد گهرايا ويا تہ ڀهرين ڏينهن ئي هن اهو ثابت ڪيو تہ هو هر فن ۽ علم ۾ سڀني استادن کان وڌيڪ ڄاڻو ۽ ڪامل آهي، سندس

زندگيءَ ۾ ٻه اهڙي قسم جا تمام گهڻا معجزا بيان ڪيا ويا آهن. مثلا هو ڪيترائي دفعا هڪ جاءِ تان اڏامي ٻيءَ جاءِ تي ويو آهي. هن جي سوچ اينتري ته اڏامر ڪئي جو تبليغ جي ڇهين سال ۾ هن کي اڏاري آسمان تي پهچايو ويو. جتي هن اجاري ديو لوڪ، پنهنجي مئل ماءُ کي شريعت جي تعليم ڏني.

ٻڌ جي مرڻ کان پوءِ جڏهن ان جي هڪ چيلي "ڪاسيپ" خيال ڏيکاريو ته جيڪر هو ٻڌ جي قدمن جي هڪ ڀيرو ڀيهر زيارت ڪري ها جن تي چڪر ورتي راجائن جا نشان موجود آهن ته گوتم جا پير پاڻهرتو ڪفن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ جڏهن هن انهن کي اکين سان لڳايو ته پوءِ اهڙي طرح ڪفن ۾ اندر هليا ويا جو نه ته ڪا ڳنڍ کلي ۽ نه ڪتان کو ڪفن ڦاٽو. ان سان گڏوگڏ هر هنڌ جي ٻڌ عقيدتمندن پنهنجي ملڪ جي برتري ظاهر ڪرڻ لاءِ گوتم جي جيون ڪٿا ۾ اهڙا واقعا گڏي ڇڏيا.آهن جو نه ته انهن کي عقل مڃي ٿو ۽ نه وري انهن لاءِ ڪو.تاريخي ثبوت آهي. مثلاً لنڪا وارن پنهنجن مذهبي ڪتابن ۾ هي لکيو آهي ته.گوتم ٽي دفعا لنڪا ويو هو ۽ ان جا ڏند لنڪا ۾ پوريل آهن.

انهن جو چوڻ آهي ته.گوتم کي ساڙڻ کان پوءِ ارهات ڪٿم ان جا ڏند ٻاهر مان ڪڍي کڻي ويو ۽ انهن کي لنڪا پهچايو. بهار ۽ سيام وارا به پنهنجي، پنهنجي ملڪن جي باري ۾ اها دعوي١ ڪن ٿا ۽ واقعن يادگارن کي مرچ مسالالڳائي بيان ڪن ٿا. جيڪي اصل ۾ فرضي قصا آهن.

مهايان فرقي وارا جيڪي تبت، نيپال، چين، جپان ۽ منگوليا وغيره ۾ وسن ٿا، تن هن مذهب کي اهڙو جامع بڻايو آهي، جنهن هنيان، فرقي وارن يعني لنڪا ۽ برما وارن جي عقيدن کان بالڪل جدا ڪري ڇڏيو آهي.

## ڌاڪٽيا ٻڌ ۽-گوتم:

ڌاڪٽين ٻڌن وٽ ڌيان، جون پنج منزلون آهن ۽ انهيءَ دنيا جي مٿان هڪ ديوتائن جي دنيا آهي ۽ انهيءَ جي مٿان "برهما" جون سورهن دنيائون آهن يا برهم لوڪ آهن.

هر دنيا سان گڏ ٽي برهم لوڪ واڳيل آهن، جيڪو شخص ڌيان جون منزلون پار ڪري ٿو،اهو ٽائين برهم لوڪ ۾ پهچي ويندو آهي. جيڪو شخص چار ڌيان پورا ڪندو آهي اهو ڏهين يا ٻارهين برهم لوڪ ۾ ويندو آهي. باقي بچيل لوڪ اتي ئي ڌيان ڪري حاصل ڪجن ٿا. هر ٽئين لوڪ جو سردار هڪ ڌياني ٻڌ آهي ۽ سمورا برهم لوڪ انهن پنجن ڌياني ٻڌن ۾ ورهايل آهن. هر هڪ دنياوي ٻڌ جوهڪ همزاد ڌياني ٻڌ، هوندو آهي. توڙي جو دنياوي ٻڌ فاني هوندو آهي، مگر آسماني ٻڌ يعني ڌياني ٻڌ قائم هوندو

آهي. پنجن دنياوي ٻڌ اهي آهن جن مان تي گوتم کان اڳ ۾ آيا آهن، چوٿون پاڻ گوتم ۽ پنجون متريا ٻڌ اچڻ وارو آهي. جيئن ته ڌياني ٻڌن جو تعداد غير محدود آهي، انهيءَ ڪري هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ پنجن ٻڌن ۾ برهم لوڪ چو ورهايل آهن؟ انهيءَ جو جواب اهو ڏنو ويندو آهي ته دنيا هر هر ڌهندي ۽ نهندي آهي ۽ انهيءَ مدي کي ته جيستائين هڪ دنيا رهي ٿي. انهيءَ کي ڪلپ چوندا آهن. هر ڪلپ ۾ رڳو پنج ئي ڌياني ٻڌ ۽ انهن جا اوتار دنياوي ٻڌ هوندا آهن. هن موجود ڪلپ جا به پنج ٻڌ آهن، تبت ۽ نيپال جي ٻڌن کي انهيءَ نظريي مان تسڪين حاصل نٿو ٿئي. انهن ڏهين صدي عيسويءَ ۾ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ واجب الوجود ٻيو وڌايو جنهن کي ادي ٻڌ، چون ٿا.

انهن جو ويساه اهو آهي هي آهي ادي ٻڌ، جيڪو ازل کان آهي ۽ هميشه رهندو. پنجين ڌيان جي وسيلي پنج ڌياني ٻڌ پاڻ مان پيدا ڪيا. انهن ڌياني ٻڌن پنهنجي عقل، سگهه ۽ سوچ جي ذريعي پاڻ مان پنج ٻڌهتو، پيدا ڪيا. انهن ٻڌهتن پنهنجي ڏاهپ ۽ سوچ سان پنهنجي غير مادي جوهرن ۾ هڪ مادي دنيا پيدا ڪئي. اسانجي موجوده دنيا چوٿين ٻڌهتوءَ جي پيدا ڪيل آهي. جنهن جو نالو ”اولوڪي تسور“ آهي ۽ اهي ئي تبت جي دلائي لاما جي صورت پر گهٽ ٿيندا آهن.

## سردي ٻڌ:

سردي ٻڌن ته انهيءَ تي به بسد ڪانه ڪئي. اهي جهيڙي جهڳڙي ۽ رت وهائڻ جا هيراڪ هئا ۽ شيو، جا پوڄاري هئا. تنهن ڪري جڏهن، اسنگ، راهب ڇهين صدي عيسويءَ ۾ ٻڌ مذهب اتي پکيڙيو ته ان هن مذهب کي ٻيو رنگ ڏنو. ”اسنگ“ ٻڌن جي برهم لوڪ ۾ ڪجهه خاص لوڪ، سرحدي ديوتائن کي ڏنا ۽ سرحدين کي اهو ٻڌايو ته هي ديوتا به ٻڌ جا پوڄاري ۽ الوکي تسور، جا حامي آهن. هن شخص جادو ۽ منتر جو سکڻ به ٻڌمذهب جي رضايت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻڌ مندرن ۾ به ڪيترن ئي طريقن جي ديوتائن جي مورتين پوڄڻ جو رواج پيل آهي ۽ قسم قسم جون رسمون مذهب جو حصو بڻيون. ان سان گڏ دعا تعويذ ۽ جهاڙ پڙهڻ وغيره ٻڌذرم جا خاص جزابڻجي ويون آهن.

## حوالا:

١- ٻڌ ڌرم ڪجهه صدين ڪانپوءِ هونئن ته اهڙن فرقن ۾ ورهائجي ويو، مگر انهيءَ ۾ ٻه سڀ ڪان وڏا فرقا آهن. هڪ ٻنيانَ، (ننڍي گاڏي) ٻيو هنيان (وڏي گاڏي)، لنڪا ۽ برما وارا هنيان آهن، تبت، چين ۽ جپان وارا ڏکڻ جي ٻڌ هنيان جا قائل آهن.

٢-لالا لجپت راءِ

٣- عيسائن اچڻ واري متر ٻڌ کي مسيح ٻڌايو آهي ۽ اهي ٻڌمذهب وارن کي ٻڌائن ٿا ته حضرت عيسيٰ متربڌ آهي، مسلمان هن مذهبي پيشن گوئيءَ کي اسلام جي حوالي سان وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڏسي سگهن ٿا. ڇو ته رسول ڪريم صلعم جن جو لقب رحمت اللعالمين، متربڌ، ٻڌ جو هم معنيٰ آهي.

مسلمانن جو عقيدو آهي ته نبي آخري زمان صلعم جن جي اچڻ کان اڳ ۾ سمورن وڏن، وڏن ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن جي اچڻ جو اطلاع موجود آهي.

۴- ڀڳوان گوتم ٻڌ (هندي) ليکڪ جناب پدنت بوڌانند جي ۽ پندت چندرڪاپرشاد جي.

۵- موهن جي دڙي، ۾ جيڪي آثار لڌا ويا آهن،انهن مان ثابت ٿئي ٿو ته "شيو"کي آرين کان اڳ ۾ دراوڙ،پوڄيندا هئا ۽ آرين اچي ڪري ساڳيو دگ ورتو. (ڏسو ايشور پرشاد جي تاريخ- هند صفحو ١۴ کان ٦٣ تائين.

## باب ڇهون

# سنگهہ جون ڪائونسلون ۽ اختلاف

انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ تہ هن مذهب جو ڇو ايترو واڌارو ٿيو؟ ۽ اتي پاڻ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اختلاف ٿيا ۽ هن ڇو هڪ جدا جدا شڪليون ورتيون؟ سنگهہ، جي تاريخ ۽ ان جي ڪائونسلن جي فيصلن جو بہ علم هجڻ گهرجي. هن باب ۾ مختصر طور انهن ڳالهين جو بيان ڪيو ويندو.

### پهرين ڪائونسل:

گوتم ٻڌ جي ديهانت ڪانپوءِ سڀ کان پهريون جلسو ۴۸۸ ق. م ۾ راج ڳڙهيءَ ۾ راجا اجات سترو جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيو. انهيءَ جي صدارت هڪ مهان شخص مواري مها ڪشپ، ڪئي هئي. هي جلسو برسات جي مند ۾ شروع ٿيو ۽ ستن مهينن تائين لڳاتار هلندو رهيو. انهيءَ ۾ پنج سو راهب گڏ ٿيا هئا. دکني ٻڌن جي چوڻ مطابق تہ هن جلسي ۾ ٻڌ جي تعليم "سوتر" مختصر ۽ جامع نظم جي صورت ۾ ڪتي ڪئي وئي ۽ "ترداد" جي نالي سان ڳائي ڪري ياد ڪئي وئي. انهن جي دعويٰ آهي تہ اهائي ترداد تري ٽيڪ، جي نالي سان اڳتي هلي سڏي وئي. تنهنڪري تري ٽپڪ، لفظ بہ لفظ "ترداد" آهي. ١- مغربي تاريخدان هن دعويٰ کي نٿا مڃين. هو چون ٿا تہ خود تري ٽپڪ، ۾ اهڙا داخلي ثبوت موجود آهن، جن سان هي ڳالهہ مڃتي پئي آهي تہ هن جا ڪجهہ ڀاڱا پڪ سان گوتم ٻڌ جي موت کان پوءِ تيار ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري انهن کي هوبهو ترداد، نٿو مڃي سگهجي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ قابل قدر آهي تہ ديپ ونس ۾ جيڪي ترداد جا حصا بيان ڪياويا آهن، اهي انهن حصن کان بالڪل مختلف آهن. جيڪي تري ٽپڪ،

انهيءَ جي نالي اشوڪ هڪ نيايو موڪليو جيڪو جدا جدا ٽڪرين تي اڪريل آهي. مگڌه جو بادشاه پياداسي (رحم دل) سنگهہ جي آجيان ڪندي ان جي صحت ۽ "خيريت" جي دعا گهري ٿو. "محترم بزرگو! توهان ڄاڻو ٿا تہ مان ٻڌ جي شريعت ۽ سنگهہ جي ڪيتري عزت ڪريان ٿو ۽ انهن کي ڪيڏو احترام لائق سمجهان ٿو. محترم بزرگو! پاڪ ٻڌ جيڪي ڪجهہ فرمايو اهو نهايت ئي مناسب هيو. جيڪڏهن اسان ان جي حڪم کي پنهنجو رهبر سمجهون تہ سچو قانون (شريعت) تمام گهڻو وقت رهي سگهي ٿو. محترم بزرگو! مان هيٺين شريعت جي ڪتابن کي، جيڪي پاڪ ٻڌ جي زبان مان نڪتل لفظ آهن، مان ايئن ئي سمجهان ٿو.

(١) ونئي سموڪس (ونئي جو جوهر) (٢) اليا وسالي (حق پرستن جي دنيا) (٣) اناگيت پياني (آئيندي جو خوف) (۴) مني گاٿا (گلاجا گيت) مهنا سوت (عاقلن جي سيرت) اپتسا (ساري پترجا سوال) مهارا هول سوت (راهل کي نصيحتون).

محترم بزرگو! مونکي اميد آهي تہ مانواري راهب ۽ مانوارو راهب انهن شريعت جي ڪتابن کي پڙهندا ۽ غور ڪندا رهندا

۽ اهڙي طرح عام ٻڌ بہ ائين ڪندا انهيءَ غرض سان مان هي چٽسالي ڪرائي آهي ۽ پنهنجي اڇا جو اظهارڪيو آهي.

## اشوڪ جا موڪليل پرچارڪ:

انهيءَ ڪائونسل اشوڪ جي چوڻ تي هيٺين هنڌن تي پرچار ڪن کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو.انهن جي لسٽ ديپ ونس ۽ مهاونس سان پرچا ڪن جي نالن سان درج ڪئي وڃي ٿي.

(١) ڪشمير ۽ گانڌار (قنڌار)- مهجنڪ موڪليا ويا.

(٢) هس: حڪومتي نظام جو ڏاکڻو حصو- مهاديو موڪليا ويا.

(٣) ونواس (راجپوتانا جو رڻ) - اکين موڪليا ويا.

(۴) اپرنتڪ (سرحد) - باختري ڌرم رکت موڪليا ويا.

(٥) مهرا سٺ (بمبي صوبي جو ڏاکڻو ۽ اوپر واروحصو) مهاڌرم رکت موڪليا ويا.

(٦) يون لوڪ (باختر) مهار ڪيت موڪلياويا.

(٧) همونت (وچ هماليا) مجهم موڪليا ويا.

(٨) سون يومي (ملايا) سين ۽ اتر موڪليا ويا.

(٩) لنڪا - مهند وغيره موڪليا ويا.

انهيءَ سال اشوڪ، ڌرم مهاماتر، نالي سان هڪ ڪاتو قائم ڪيو،

سان ڪتاب، انهيءَ وقت موجود هيا ۽ اهي ٻئي پروسي جوڳا سمجها وڃن ٿا. مگر تري ٽپڪ ۾ جيڪي ڪتاب شامل انهن ۾ اهي نالا نٿا ملن. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ڪائونسل انهن ڪتابن جا نالا بدلايا هجن. پوءِ به ڊاڪٽرن ٻڌن جي هي دعويٰ صحيح نٿي مڃي سگهجي. تري ٽپڪ ۾ سڀ ڳالهيون اهي ئي آهن جيڪي اشوڪ کان اڳ ۾ هليون ٿي آيون. انهيءَ ڪري جو تري ٽپڪ ۾ اشوڪ جي ڏنل وچور کان وڌيڪ ڪتاب شامل آهن.

ڊيوڊس جو هي خيال آهي ته تري ٽپڪ ۾ "پالي مڪ" اهڙئي آهي جنهن کي اشوڪ وٺي سموڪس، چيو آهي ۽ ترهه گاٿا اهو ئي آهي، جنهن کي هن سني گاٿا ، چيو آهي. اهڙي طرح اناگنا بياني، جي وشئه جو ڏس، ٻتوتو ۾ ملي ٿو. باقي ڪتابن جو ڪو نشان پتو ڪونهي.

٦- ڪنشڪ جي تاجپوشيءَ جي سال تي مورخن ۾ وڏا اختلاف آهي ۽ ڪوبه سن پڪ سان ٻڌائي نٿو سگهجي. هي سن سرينواس ۽ رام سوامي آنگر جي تاريخ تان ورتو ويو آهي.

٧- ڏس سرچارلس ايٽ جو ڪتاب.

٨- ڪمارل ڀٽ سٺين صديءَ ۾ ٿيو. ان ويدن جي عظمت ثابت ڪئي، ۽ انهن جي ٻڌايل رسمن کي جاري ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٻڌ مذهب جي گهڻي مخالفت ڪئي.

٩- شنڪر آچاريا ڪيرالا جي هند تي ٧٨٨ع ۾ پيدا ٿيو. هي ويد جو تمام وڏو ڄاڻو هو. ان اپنشد ڀڳوت گيتا ۽ دوانت سوتر جا تفسير لکيا ۽ هو جگت گروءَ جي لقب سان سڏيو ويو. ان ميسور دوارڪا، پوري ۽ بدري ڪدار ۾ مٺ قائم ڪيا. ۽ ساري هندوستان ۾ دورا ڪري ٻڌ مذهب جي عالمن سان مناظرا ڪيا ۽ انهن کي شڪست ڏني ۽ هزارين ٻڌن کي هندو بڻايو.

١٠- رائس ڊيوڊس.

آهي ۽ جنهن جي باري ۾ هي خيال آهي تہ هن جي هيٺيان گوتم جي ڪنڌ جي هڏي پوربل آهي. ان جي ويجهو هڪ مٺ بہ هندوستاني راهبن جي رهڻ لاءِ بادشاهہ جوڙايو هو ۽ ان کان اٺن ميلن جي وچوٽيءَ تي مهنتل وهار جوڙايائين، جيڪو هن وقت تائين موجود آهي.

ٿوپارام واگهپ جوڙائڻ کان پوءِ بادشاهہ جي ڪجهہ عورتن راهبہ بڻجڻ جو خيال ڏيکاريو، انهي تي مهيندر پنهنجي ڀيڻ سنگهہ مترا کي نياپو موڪليو، جيڪا هن سان ڪڏ سنگهہ ۾ داخل ٿي هئي، اها ڪيترين ئي راهبائن سان گڏ لنڪا آئي ۽ پاڻ سان گڏ ٻڌ وڻ جي هڪ ڏاري بہ پاڻ سان کنيو آئي. اها ڏاري انروڌپور ۾ روانولي واگهپ جي جي پرسان هنئين ويئي انهيءَ جون تاريخي ثابتيون موجود آهي.

جيڪو موجوده ٻوڏي وڻ جو لنڪا ۾ موجود آهي. انهيءَ ڏاريءَ جو لڳل آهي. اڄ اهو دنيا جو سڀني کان پراڻو وڻ آهي ۽ انهيءَ کي پوري سنڀال هيٺ رکيو ويو آهي. انهيءَ کي پاٽي ڏيڻ ٻڌن لاءِ وڏي سعادت آهي. تيسا تيهن سالن تائين حڪومت ڪري مري ويو ۽ مهيندر بہ ڪجهہ وقت کان پوءِ وفات ڪري ويو، انهيءَ جي موت کان پوءِ ٿوري عرصي ۾ لنڪا کي تامل قوم فتح ڪيو. مگر ١٦٤ ق.م ۾ انهيءَ قوم کي ڪڍيو ويو ۽ فاتح "دشت گامنيءَ" بہ پنهنجي ڏاڏي تيسا، وانگر ٻڌ مذهب قبول ڪيو ۽ انهيءَ جي سهائتا ڪندو رهيو. هن ڪيترين ئي جايون جوڙايون، جن مان جهاٿوپ ۽ پتل وارو وڏو "مٺ" تمام گهڻا مشهور آهن. انهيءَ مٺ سوا سو ٿنيا آهن.

انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ دراوڙ قوم وري حملو ڪيو ليڪن انهن کي "دتا گامنيءَ" ٨٨ ق.م ۾ ملڪ نيڪالي ڏني. انهيءَ بادشاهہ لنڪا ۾ سڀ کان اوچو ڊاگهپ اڀاگري،تيار ڪرايو ۽ انهيءَ زماني ۾ تيئي "پٽڪ" حافظي تان ئي ڪتابي صورت ۾ آندا ويا. محققن جو رايو آهي تہ اصل ٻوڌي تعليم انهن پٽڪن ۾ اصلوڪي صورت ۾ گهٽي ڀاڳي تائين ڏني وڃي ٿي ۽ جيترا بہ ڪتاب انهيءَ مذهب جا ذڪڻ هندوستان تبت ۽ چين ۾ لڌا وڃن ٿا اهي سڀ انهن پٽڪن کان پوءِجا لکيل آهن ۽ ايترا اغتبار جوڳا نہ آهن. انهيءَکان سواءِ ٻڌ مذهب جي باري ۾ اهم ڪم لنڪا ڪيو، اهو پنجينءَ صديءَ ۾ ٿيو. ٤٣٠ع جي لڳ ڀڳ ٻڌ گيا جو هڪ راهب ٻڌگهوش لنڪا آيو. هي شخص وڏو فلسفي ۽ عالم هيو. هن ٻڌمذهب جو هڪ انسائيڪلو پيڊيا وسڌي مارگ جي نالي سان تيار ڪئي ۽ پٽڪ جي سموري تعليم کي بنگالي زبان کان پالي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي تفسير ايتري قدر مقبول ٿيا جو ڊيورس جي چوڻ مطابق جو هاٽي ڪوبہ تفسير بنگالي زبان ۾ لنڪا ۾ لڌو نٿو وڃي.

## دلائي لاما:

دلائي لاما جي مرڻ کان پوءِ جيترا به ٻار ڄمندا آهن، انهن مان هڪ نئون دلائي لاما چونڊيو ويندو آهي. چونڊ جو طريقو به دلچسپ آهي. سڀ ٻار هڪ هنڌ گڏ ڪيا ويندا آهن. مري ويل دلائي لاما جون سڀ شيون ڪنيون ڪيون ويندون آهن ۽ انهن ۾ ٻيون شيون به ملايون وينديون آهن. جيڪو ٻار دلائي لاما جون شيون پسند ڪري ٿو ۽ ٻين شين کي هٿ نٿو لائي، اهوئي دلائي لاما بنجي وڃي ٿو. خيال اهو آهي ته جيئن ته هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شين سان محبت هوندي آهي. انهيءَ ڪري انهن ٻارن سان اهو جنهن جي شڪل ۾ دلائي لاما، جنم ورتو آهي، پنهنجون شيون سڃاڻي ٿو. دلائي لاما کان پوءِ لاما اعظم ۽ هڪ راهب هوندي آهي. انهن مانوري هر هڪ جي هيٺ ڪيترائي لاما ۽ راهبائون هونديون آهن. اهڙي طرح تبت ۾ لامائن جي تمام گهڻائي آهي. انهيءَ پٽريلي ملڪ ۾ ٽن هزارن کان وڌيڪ عبادت گهر آهن. انهن لامائن جو ۽ مذهبي ماڻهن جو عوام مٿان ڪافي اثر آهي. اهي مذهبي ماڻهن جو هر ڪم نهايت سچائي ۽ نوڪرن وانگر ڪندا آهن. انهيءَ اثر جو سبب اهو آهي ته هڪ ته ٻوڌي تعليم چڙن پيشوائن کي نفس مارڻ جو داٻو انهن جي دلين تي ويهاري ڇڏيو آهي. ٻيو ته انهن کي انهيءَ ڳالهه جي پڪ آهي ته لاما، انهن جي ۽ خبيث روحن جي وچ ۾ ديوار جو ڪم ڏين ٿا. جيڪڏهن اهي انهن جي حفاظت نه ڪن ته ماڻهن کي خبيث روح جيئرو نه ڇڏين.

## چين:

چيو وڃي ٿو ته ٻڌ مذهب ٻي صدي ق.م ۾ چين ۾ پهتو هيو. مگر تاريخي حيثيت سان پهرين صدي عيسويءَ کان اڳ ۾ هن جو ڪوبه نشان نٿو ملي. انهيءَ صدي ۾ چين جو شهنشاهه مينڪسائيءَ هڪ خواب لڌو هو. جنهن ۾ ان جي چوڻ مطابق هن پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ ٻڌ مذهب جا پرچارڪ گهرايا. انهيءَ شهنشاهه جي گهڻي ڪوشش هوندي به ٻڌ مذهب ٽن سون سالن تائين ڪو خاص اثر قائم ڪري نه سگهيو. انهيءَ جو سبب اهو هيو جو خود چين ۾ به فلسفانا مذهب موجود هئا. جن جي هجڻ ۾ ڪنهن ڌارئي مذهب جو اثر وٺڻ ايترو سولو نه هو. پهريون مذهب تاوي هيو ۽ ٻيو "ڪنفيوشي" اهي مذهب اخلاقيات جي تعليم ڪري ٻڌ جي نسبت عوام ۾ گهڻي ڪشش نه رکندا هئا. پوءِ به مذهب هوريان، هوريان پکڙبو ويو. مگر

پکڙجي چڪو هو. انهن هنڌن جي باري ۾ گهڻو احوال "واهين هوان سانگ" ۽ سنگ ين" جي بيانن مان ملي ٿو. "سنگ ين" لکيو آهي ته انهيءَ زماني ۾ ختن جو بادشاه توڙي جو ٻڌ مذهب مڃيندڙ ڪين هيو پوءِ به ان جي ملڪ ۾ ڪافي انگ ٻڌ جي مڃيندڙن جوهيو ۽ هندوستان مان لاڳيتا پرچارڪ ايندا ويندا رهندا هئا. بلخ ٻوڌي هيو، مگر ڪافرستان هڪ تاتاري هن مذهب جو ڪٽر دشمن هيو ۽ انهيءَ مذهب جي پوئلڳن کي جتي به ڏسندو هو اتي ماري ڇڏيندو هو.

"هو ان سانگ" لکيو آهي ته افغانستان ۾ "ڪپا" نالي هڪ ٻوڌي بادشاه حڪومت ڪندو هو، مگر پوجا گهر گهڻو ڪري سڃا پيا هوندا هئا. قندار ۾ به "مٺ" خالي هوندا هئا. پشاور ۾ "ڪنشڪ" جو جوڙايل مٺ به ويران هيو. عام طور ماڻهو "ماهيان" فرقي کي مڃيندا هئا. البته ڪشمير ۾ ٻڌمت جو زور هيو اتي پنج سو پوجا گهر ۽ پنج هزارکن راهب هئا. سنڌ ۾ ماڻهو "هنيان" فرقي کي مڃيندا هئا. هن وقت ڪشمير جي اوپر وارن صوبن کان سواءِ هن مذهب جي پوئلڳن جو نالو نشان به ڪونهي. انهيءَ مذهب جي جاءِ اسلام اچي والاري آهي. مگر انهن مسلمانن ۾ وڏن جي اثر هيٺ تمام گهٽي وهم پرستي ڏٺي وڃي ٿي.

## حوالا:

١- اسٽوري آف ٻڌ ازم
٢- Jodo
٣- Amida
٤- Jodoshin
٥- Zen
٦- Nichiren
٧- آدمشماريءَ جي تازن انگن اکرن مطابق هن وقت اٽڪل ساڍا ٽي ڪروڙ "هنيان" ٻڌ لنڪا، برما، سيام ۽ انام وغيره ۾ آهن. جاوا، سوماترا، ڀوٽان، سيڪم، چين، تبت، منگوليا، جاپان ۽ نيپال ۾ اٽڪل پنجاه ڪروڙ (هينيان) مت جا پوئلڳ آهن. اهڙي طرح اٽڪل پوري دنيا ۾ هن مذهب جي مڃڻ وارن جو تعداد اندازاً چوونجاه (٥٤) ڪروڙن کان وڌيڪ آهي. (ياد رهي ته هي ڪتاب ١٩٤٢ع ۾ ڇپيو هو)

# ضميمو نمبر ٢:

## سوئر جو گوشت يا کُنڀي

ٻوڌي ڪتابن مطابق آخري کاڌو جيڪو گوتم کاڌو (چند سوناري وٽ) کاڌو هو. اهي ڇانور هئا ۽ ترڪاري هئي. جنهن کي "سڪرمردو" چوندا هئا. يورپي مورخن انهيءَ جو ترجمو "سوئر جو گوشت" ڪيو آهي. تنهن ڪري رائس ڊيوڊس جهڙي محقق ته آخري کاڌو اهوئي ٻڌايو آهي. مگر تازي تحقيق مان هي ڳالهه ڇاڻ ۾ آئي آهي ته "سڪر مردو" جي معنيٰ آهي "اها ڪنڀي جيڪا سوئر کائيندا آهن" مهاٻوڌي جرنل ١٩٠١ع ۾ هن لفظ جي کوجنا ڪري ٻڌايو ويو آهي ته ٻهار ۾ ڪنڀيءَ کي سڪر مردو چوندا هئا. هن جا ٻيا نالا گورجيا، ڪرستا ۽ ٻلي لوٽن آهن.

مسٽر سٽراس، پروفيسر منيونس ۽ سويدرا ڀڪشوءَ انهيءَ جا اهي ترجما ڪيا آهن. شميم به اهوئي لکيو آهي، مگر امير احمد علويءَ هن لفظ جو ترجمو لاهوري گجر، ڪيو آهي، جيڪو صحيح نٿو لڳي. ائين ٿو ڀائنجي ته ڪنڀيءَ کي جيڪا "موٿا" جي پاڙوانگر هوندي آهي."سوئر" پسند ڪندو آهي ۽ ان کي شوق سان کائيندو آهي. قديم زماني ۾ شايد انسان به هن پاڙ کي پچائي ڪري کائيندا هئا. تنهن ڪري "چند" به پنهنجي گروءَ ۽ پير جي واسطي اهائي ڀاڄي تيار ڪرائي. جڏهن گوتم ڀاڄي چکي ته ان کي محسوس ٿيو ته هن ۾ ڪا زهريلي پاڙ ملي ويئي آهي. هن ٻين ڀڪشن کي اها نه کائڻ ڏني پر سموري ديگڙي زمين تي هارائي ڇڏي ۽ دفن ڪرائي ڇڏي.

اهو بحث فضول آهي ته گوتم سوئر جو گوشت کائيندو هو يا نه. انهيءَ ڪري جو هن لفظ جو صحيح مفهوم ڇٽونه آهي ۽ واقعن جي بيان ۾ ترجمي جي صحت جو خيال ڪرڻ گهرجي ۽ نه هي ڏسڻ گهرجي ته اهي واقعا اعتقاد مطابق آهن يانه؟ گوتم جي باري ۾ هيءَ به دعويٰ آهي ته هوسوئر جو گوشت نه کائيندو هو صحيح نه آهي.

انهيءَ ڪري جو گوتم هميشه انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪي ڪجهه ٻن جي ڪمسني ۾ وڌو وڃي اهو ڀڪشوءَ کي کائڻ گهرجي، ظاهر آهي ته جڏهن ڀڪشو گهر، گهر وڃي ڀکيا وٺندا هئا. چنال ۽ شودرن جي درن تي ڀکيا ملندي هوندي ته ان ۾ گوشت به ملندو هوندو. انهيءَ ڪري گوتم ۽ ان جا چيلا به گوشت کائيندا هوندا. انهيءَ کان سواءِ ديودت، جڏهن انهيءَ ڳالهه تي زور ڀريو ته ڀڪشن کي "گوشت کائڻ کان منع ڪئي وڃي ته گوتم

صاف صاف چئي ڏنو هو ته ڀڪشو اهوسپ ڪجهه ڪائيندو جيڪو هن کي ٻکيا ۾ ملندو ۽ هن ملڪ ۾ جيڪو ڪاڏو وجي ٿو ۽ جتي هو ٻکيا وني ٿو. مطلب ته آخري ڪاڏو جيڪو گوتم ٻڌ ڪاڌو اهو سوئر نه هيو. پر۰اها ڪنيءَ جي ڀاڄ هئي جيڪا گهٽ ذات.وارا ماڻهو انهيءَ زماني ۾ ترڪاريءَ طور کائيندا هئا.

## ضميمو نمبر ٣:

### ٻڌ جي جنم ڀومي لمبيني باغ

١٠٩٦ع ۾ ڊاڪٽر فوهرر نيپال اِستيٽ اندر رامنديٽيءَ جي هنڌ تي هڪ پٿر جو منارو زمين ۾ پوريل ڳولهي لڌو. انهيءَ پٿر تي اشوڪ شاهه مگڌ جو هڪ ڪتبو هيو. جنهن مان ظاهِر ٿئي ٿو هو پنهنجي تخت نشينيءَ کان ويهن سالن کان پوءِ اتي آيو ۽ هِن گهوڙي جي شڪل جهڙو هڪ ٿنيو هتي کوڙايو ۽ انهيءَ تي هڪ برج ٺهرايائين. جنهن تي "هتي ٻڌ پيدا ٿيو" اڪرايو هو. هي استوپا ۽ گهوڙو بجليءَ جي ڪرڻ ڪِري ڪري پيا هئا. گهوڙو ته هٿ نه آيو مگر ٿنيو ويجهو ئي هڪ مندر ۾ پيل مليو هو. هتي هڪ صندوق به ملي آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گلدان ۽ گهڻا ئي زيور ۽ جواهر مليا آهن. انهيءَ مان اهو به ثابت آهي ته هي ئي هنڌ گوتم جو جنم هنڌ آهي. مطلب ته هر طرح سان اهو ثابت ٿي ويو ته اهوئي هيءُ هنڌ آهي، جتي گوتم ماءُ جي پيٽ مان نڪري دنيا جي جهوليءَ ۾ آيو.

انهيءَ ڪوجنا ڪانپوءِ هن هنڌ ٻڌ-ماڻهن لاءِ هڪ تيرٿ گاهه جي حيثيت اختيار ڪئي آهي. " مسٽر شيو نارائڻ شميم" هتي پهچڻ جي صورت هيئن بيان ڪئي آهي:

هن جاءِ تي نيپال جي دربار جي اجازت سان وجي سگهجي ٿو. دربار کان کي قدر امداد جي به ضرورت پوي ٿي. انن ڪلاڪن رات جو پالڪيءَ جي سواريءَ ۾ "اسڪا بازار" کان سرحد تائين پهچي سگهون ٿا. ان کان پوءِ درياءَ اچن ٿا.هاٿيءَ جي سواري تي انهن کي پار ڪرڻو پوي ٿو ۽ وري پوءِ هڪ جهنگل اچي ٿو، جنهن ۾ جهاڙي نظر اچي ٿي. هتي ئي ٿنڀ مليو آهي. ٿوريون وکون اڳتي هلي هڪ تلاءَ جا به نشان مليا آهن. جتي ٻڌ جي ماتا سنان ڪيو هو ۽ جنهن نديءَ کي "نيل درياءَ" ٻڌ ست ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي، هن وقت به انهيءَ درياءَ جونالو ساڳيو ئي آهي.

## ضميمو نمبر ۴:

### وفات جي جاءِ (ڪسي نگر ضلعو گورکپور)

مسٽر شيو نارائڻ شميم جي زبانيءَ سان هن جي حالت ٻڌو. جيڪڏهن مسافر گورکپور جي ريلوي لائين تي چار اسٽيشنون اڳيرو وڃي "ديوريا" اسٽيشن تي لهي پئي ته اتي لاريءَ جي سواري ملندي آهي. جيڪا "ڪسيا" پهچائيندي آهي. ٻارنهن ڪلاڪن کان ۲ ٻي وڳي تائين ملي وڃي ٿي.لاري وري واپس اچي ٿي. جيڪڏهن هي سفر پسند نه اچي ته گورکپور کان ڪسيا ۳۵ ميل پڪي سڙڪ آهي.موٽر ڪار ۳۵ رپين ۾ اوٽ موٽ ملي وڃي ٿي.ڪسيا اهو هنڌ آهي، جتي ٻڌڳوان کي نرواڻ حاصل ٿيو هو. مندر جي مرمت ڪئي وئي آهي. مورتي جيڪا ليٽيل حالت ۾ آهي. اها ڀهريائين ٽڪرا ٽيل هئي. هيءَ هن وقت ۲۰ فوٽ کن ڊگهي آهي. ياترين سونن ورقن سان هن مورتيءَ کي سينگاريو آهي.ڪناريءَ جو پردو هن جي مٿان پيل آهي. بتي هروقت ٻرندي رهي ٿي. سنگ آسڻ، جي هڪ پاسهن تي آنند جي ڏک ۾ پيڙاجي حالت ۾ مورت نهيل آهي. جڏهن ته هن سان گڏ ٻه ٻيا سنگي آهن. هن مندر جي ويجهو هڪ استوپا آهي.ان جي لڳ ٻه دفن ٿيل شيون هٿ آيون آهن. اهڙي طرح ڪيترائي کنڊر به مليا آهن، مندر کان ٿورن قدمن جي وٿيءَ تي ٻڌ جي هڪ ٻينل مورت هٿ آئي آهي. سني نموني ڪٽل آهي. جنهن کي وهار جا ماڻهو رماهنا، جي مورتي سڏين ٿا. مندر کان ٿوري مفاصلي تي برما جي هڪ امير يا ترين جي واسطي هڪ ڌرم سالا ٺهرايو آهي. انهيءَ ۾ هڪ برمي ڀڪشو رهندو آهي. ان جي هڪ ڪمري ۾ برما جون نهيل سنگ مر مر ۽ پٽل جون ٻڌ جون مورتيون رکيل آهن. دروازي تي هڪ گهڙيال برمي ساخت جو موسيقيءَ سان آواز ڪندو آهي. سالن جا سال هي مندر نڌڻڪو رهيو. آخر ۱۸۷۷ع ۾ مسٽر ڪار لائل هن کي سينگاريو. جنهن جو احوال هڪ سنگمرمر جي سر تي انگريزي ۾ ڏنل آهي، جنهن جو ترجمو هن ريت آهي:

هي مشهورمجسمو ۽ مندر ٻڌ جي نرواڻ جي حالت ۾ آهن ۽ هن جي ويجهو وارا استوپا ٻئي کوٽيا ويا آهن. مورتي جا بيشمار ٽڪرا هر هنڌ لڌا ويا. انهن سڀني ٽڪرن کي ڪٺو ڪيو ويو ۽ انهن کي ترتيب ڏيئي ۽ مرامت ڪري مورتيءَ کي اصل صورت ۾ آندو ويو. مندر جي مرامت ڪرائي ويئي ۽ ان جي مٿان ڇت وڌي ويئي.

ڪسي نگر
اي - اي ڪار لائل مارچ ۱۸۷۷ع
آرڪيالاجيڪل اوورسيز

اصل ۾ هي هند ٻڌن جي تيرٿن مان هڪ ضروري تيرٿ اهي. پهريائين تہ هندوستان کان ٻاهريان ٻڌمت وارا ياتري ايندا هئا. مگر هاڻي اتي هڪ وڏو ساليانو ميلو لڳندو آهي. اوري پري جي ياترين جي اچڻ سان هتي وڏي رونق لڳندي آهي. ٻڌن جي ڪتابن ۾ هن جو نالو "ڪوسي نڪلا" آهي. ڪوسي نگر يا ڪسي نگر بہ آيو آهي. هاڻي هن کي "ڪسيا" چون ٿا.

## ضميمو نمبر ٥:

### نالند يا نالندا يونيورسٽي

راڄ گير کان ستن ميلن جي پنڌ تي نالند نالي هڪ ڳوٺ آهي. هاڻي هن کي وڏو ڳوٺ چون ٿا. گوتم هتي ٽي مهينا ترسيو هو ۽ ڪيترائي خطبا ڏنا هئائين. هتان جي امير سوداگرن جن جو انگ پنج سو کن ٿيندو ڏهن لکن اشرفين جو چندو ڪيو ۽ انهيءَ مان ڪيترائي خريد ڪري هڪ "مٺ" نهرائي ڪري ٻڌ جي نذر ڪيائون. راجائن انهيءَ عمارت ۾ واڌارو آندو. وچ هندستان جي هڪ راجا هڪ هال نهرايو ۽ سموري عمارت جي چوڌاري ڪوٽ ڪيرايو ۽ ان ۾ رڳو هڪ وڏو در رکرايو. انهيءَ اڳڻ ۾ پنهنجي زماني جا مشهور ترين راهب عالم رهندا هئا. تنهن ڪري جڏهن بہ ڪو تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان ايندو هو تہ اهو راهب جيڪو ڏربان جا فرض ادا ڪندو هو طالب علم کان ڪجهہ سوال پڇندو هو ۽ جيستائين انهن جا صحيح جواب نہ حاصل ڪندو هو تيستائين ان کي اندر اچڻ نہ ڏيندو هو. گهڻو ڪري داخلي جي امتحان جي شروعات هتان ئي ٿيندي هئي. مطلب تہ هن مٺ ٿوري ئي وقت ۾ هڪ يونيورسٽي جي حيثيت سان دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي. "فاهين" جي وقت تائين هي اڻپوري هئي. مگر ات سانگ، هتي انهيءَ سال ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ هو انگ سانگ ڇهہ سال. هتان جا پڙهيل نهايت معتبر سمجهيا ويندا هئا. استادن جو انگ تمام گهڻو هيو. هڪ هزار کن استاد اهڙا هيا جيڪي ويهن علمن تي ليڪچر ڏيندا هئا. پنج سو، ٽيهن مضمونن تي، ڏهہ اهڙا (هوانگ-سانگ سوڌ) جو پنجاه مضمونن جا ڄاڻو هيا. قابل استادن جهڙوڪ "ناگا رجن" ۽ آريا ديو، جهڙن هن يونيورسٽيءَ کي تمام مٿي آندو. هوانگ سانگ، جي وقت ۾ سدا بهار هن يونيورسٽيءَ جو صدر هيو. هي عالم هر فن مولا هيو ۽ هر هڪ علم تي عبور رکندو هو.

وقت جي حڪومت ڪيترائي ڳوٺ هن مٺ لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هئا ۽ عوام بہ ڪافي مدد ڪندو هيو. جنهن جو نتيجو اهو هيو جو شاگردن کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ايندي هئي. گهر کان وڌيڪ هتي آرام هيو.

آثار قديمہ وارن هن جاءِ جي کوٽائي ڪرائي ڪيترين ئي شيون ڪڍيون آهن. جيڪي ڏسڻ وٽان آهن.

